# پليجو

# عوامي عدالت

## ۾

## عوامي تحريڪ ۾ اختلافن ۽ مسئلن جي چنڊ ڇاڻ

# ٻليجو

# عوامي
# عدالت

۾

عوامي تحريڪ ۾ اختلافن
۽ مسئلن جي چند چارڻ

انفرميشن بيورو عوامي تحريڪ

ڪتاب جو نالو: پليجو عوامي عدالت ۾
ادارو : انفرميشن بيورو عوامي تحريڪ
سال : جنوري ١٩٩١ع
تعداد: ٢ هزار
ڇاپو : پهريون
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ : ارشد علي جعفري
پريس:
قيمت : ١٠ رپيا

هي ڪتاب
انفرميشن بيورو عوامي تحريڪ پاران جاري ڪيو ويو.

# PALIJO AWAMI ADALAT MEIN

AN ANALYTICAL DOCUMENT ON:
PROBLEMS, DIFFERENCES AND CRISIS
IN AWAMI TAHREEK.

# سٿاءُ


| نمبر شمار | مضمون | صفحو |
| --- | --- | --- |
| ١- | گذارش | ١ |
| ٢- | عوامي تحريڪ ۾ اختلافن جو پس منظر، مصالحت لاءِ ڪوششون | ٣ |
| ٣- | پليجي خلاف چارج شيٽ | ٢٧ |
| ٤- | ڪوڙ سان مقابلو ڪريو، فڪر جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪريو. | ٦٤ |

# هڪ گذارش

تازو سنڌ جي منظر ۽ نظرياتي تنظيم عوامي تحريڪ ۾ اختلافن، ٽوڙ ڦوڙ ۽ ان جي ٻن ڌڙن ۾ ورهائجڻ ڪري، عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن ۽ سنڌ جي قومي ۽ سياسي طور باشعور پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن ۾ حيرت، افسوس ۽ مايوسيءَ جا مليل جليل تاثر پيدا ٿيا. عوام ۽ ڪارڪنن ۾ عوامي تحريڪ ۾ پيدا ٿيل اختلافن، مسئلن ۽ ٽوڙ ڦوڙ بابت ڪافي سوالن جنم ورتو. جن مان ڪيترن جا جواب ڏنا ويا آهن ۽ ڪيترن بابت ڪارڪن ۽ عوام اڃان مونجهاري جو شڪار آهن. اسان شروع ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ موجود ساٿين تائين پهچي، ساڻن روبرو ملي، ڪين تنظيم اندر پيدا ٿيل اختلافن، مسئلن ۽ سچي صورتحال بابت پنهنجو نقطہ نظر ٻڌائڻ ۽ سنڌن پاران اٿاريل سوالن ۽ مونجهارن جا جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

تنظيم اندر اهڙيون ڪئين ڳالهيون ۽ مسئلا هئا، جن بابت عام ماڻهن تہ ڇا خود تنظيم جي ڪيترن سرگرم ڪارڪنن کي بہ سڌ ڪانہ هئي. اڃان بہ ساٿين کي مسئلن جي پس منظر، حقيقي سببن ۽ انهن جي گهرائپ بابت بنيادي، ضروري ۽ ڪافي ڄاڻ ڪانهي. ظاهر آهي تہ پليجو صاحب ۽ سندس ٽولي جا ماڻهو اسان جي تنظيم جي ڪارڪنن ۽ عام ماڻهن کي مسئلن جي حقيقت ۽ صحيح صورتحال کان آگاهہ ڪرڻ بجاءِ سچاين جي پردہ پوشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا،

جيئن اڄ بہ سندن روش مان ظاهر آهي. تنهن ڪري اسان تي بنيادي قومي ۽ انقلابي فرض عائد ٿو ٿئي تہ اسان پنهنجي سچائي ۽ ايمانداري سان، جيڪي مسئلا آهن، جيڪا صورتحال آهي، تنهن کي جيئن جو تيئن پنهنجي ساٿين ۽ عوام اڳيان رکون. هن ڪتاب ۾ عوامي تحريڪ اندر پيدا ٿيل بحران ۽ مسئلن بابت ڪي بنيادي سچايون ۽ حقيقتون پيش ڪيون ويون آهن. اميد ٿي ڪجي تہ ڪتاب جي مطالعي کان پوءِ اسان جي ساٿين ۽ سنڌي ماڻهن اڳيان صورتحال وڌيڪ واضح ٿيندي ۽ کين ڪو بہ فيصلو ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي.

اسان کي ان ڳالهہ جو احساس آهي تہ مختلف سببن ڪري، اسان پنهنجي ڪيترن ساٿين، همدردن ۽ ڪارڪنن وٽ پهچي سندن اڳيان صورتحال واضح نہ ڪري سگهيا آهيون. اهڙن سمورن ساٿين، همدردن ۽ ڪارڪنن کان اسين معافي جا طلبگار آهيون. اسين کين پاڻ کان الڳ نٿا سمجهون. جيڪي ساٿي هن مسئلي کي فقط جذباتي انداز ۾، ڪنهن شخص جي عقيدت پرستي ۾ لڙهي يا فقط پنهنجي ڪنهن "مصلحت" خاطر ۽ رڳو پنهنجي "عينڪ" سان ئي ڏسڻ چاهن ٿا. انهن کي بہ اسان جو عرض آهي تہ اهي هر قسم جي جذباتيت، عقيدت پرستي ۽ مصلحت پسندي کان هٽي ڪري، حق ۽ سچ جو مان مٿاهون رکندي، انصاف جي تقاضائن کي سامهون رکندي، قومي سچائي ۽ انقلابي ايمانداريءَ سان مسئلن ۽ سچي صورتحال جو حقيقي جائزو وٺن ۽ غيرجانبداريءَ سان چنڊڇاڻ ڪن. اسان کي يقين آهي تہ اسان جي هيءَ ڪوشش ضرور ساٿين جو مونجهارو حل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي.

جيئي سنڌ          جيئي فاضل

جيئي مظلوم عوام جي حق پرست جدوجهد

---

**انفرميشن بيورو عوامي تحريڪ**

# عوامي تحريڪ ۾
# اختلافن جو پس منظر
## مصالحت لاءِ ڪوششون

ويهہ سال اڳ سنڌ ۾ هڪ اهڙي وطن دوست، ترقي پسند، جمهوريت پسند انقلابي تنظيم جو بنياد وڌو ويو. جنهن اڳتي هلي نہ رڳو سنڌ پر ملڪ جي سياست ۾ اهم رول ادا ڪيو. ملڪ ۾ ڏکھي آمريت ۽ انساني حقن جي پائمالي سبب تنظيم جي هڪ حصي کي ڳجهي طرح ڪم ڪرڻو پيو. عوام ۾ کليل سياسي ۽ قانوني جدوجهد ڪرڻ لاءِ "سنڌي عوامي تحريڪ" جو بنياد وڌو ويو. جنهن ۾ سنڌ جي سڄاڻ سياسي اڳواڻن، ڪارڪنن، دانشورن، اديبن، شاعرن ۽ محب وطن وچولي طبقي جي ماڻهن حصو ورتو. کليل سياسي پليٽ فارم تي بہ اڳواڻ شهيد عوام فاضل راهو ۽ رسول بخش پليجو سرگرم رهيا. ان کان سواءِ تنظيم کي ڦهلائڻ ۽ وڌائڻ ويجهائڻ ۾ ڪيترن اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي محنت، ڪوشش، جاکوڙ ۽ قربانين جو بہ اهم عمل دخل رهيو. تنظيم جو سياسي سماجي پروگرام "سائنسي

سوشلزم" "جمهوريت" ۽ "قومي حق خود اختياري" تي ٻڌل هو.

شروعاتي ڏينهن ۾ تنظيم جو دائرو محدود هو. هڪ هڪ ماڻهو کي نظرياتي پرچار وسيلي پنهنجو حامي ۽ همدرد بنايو ويندو هو. تنظيم جي هڪ ڪارڪن ۽ ميمبر ٿيڻ لاءِ مختلف مرحلن تي مشتمل هڪ ڊگهو تربيتي عرصو درڪار هو. تنهن ڪري ڪارڪنن جو تعداد ٿورو هو. تنظيمي اصول ۽ ضابطا سخت هئا. ان وقت تنظيم جو ڪو آئين منشور لکت ۾ موجود ڪونه هو. پر اڳواڻن ۽ ڪارڪنن اڳيان واٽ ۽ مقصد چٽا هئا.

اڳتي هلي جڏهن عوامي تحريڪ جي پليٽ فارم تان کليل سياسي ڪم سڄي سنڌ ۾ پکڙيو. هارين، مزدورن، شاگردن ۽ عورتن جي محاذن تان ڪم وڌيو ۽ انهن پليٽ فارمن تان ڪجهه جدوجهدون هلايون ويون. ته آهستي آهستي تنظيم جو ڪم سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهليو ۽ تنظيم مضبوط ٿيندي وئي. ڪجهه سال اڳ پارٽي جو آئين، منشور ۽ پروگرام مرتب ڪيو ويو. سياست جي مختلف دورن ۾ تنظيم سنڌ ۽ ملڪ جي قومي، جمهوري ۽ عوامي جدوجهدن ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. جهڙوڪ : ون يونٽ خلاف جدوجهد، سنڌ جي زمينن جو نيلام بند ڪرائڻ لاءِ هلايل تحرينڪ، ظلم بند ڪريو تحريڪ، وونٽر لسٽون سنڌي ۾ ڇپائڻ لاءِ جدوجهد، هارين جي حقن جون جدوجهدون، ١٩٧٨ع ۾ صحافين جي حقن ۽ اخبارن جي آزادي لاءِ هلايل جدوجهد، ١٩٨٣ع ۽ ١٩٨٦ع ۾ آمريت جي خلاف ۽ جمهوري حقن لاءِ هلايل جدوجهدون، "سنڌي عوام جي قومي اتحاد" پاران ڪالاباغ ڊيم، فوجي ڇانوڻين ۽ ڌارين جي آبادڪاريءَ خلاف هلايل جدوجهد، وغيره.

گذريل ويهن سالن دوران سنڌ جي سياست ۾ هن تنظيم جي صحيح ۽ اصولي لائين، موقف، پاليسي ۽ حڪمت عملي اختيار ڪرڻ ۽ ڪاميابي سان زبردست عوامي، قومي ۽ جمهوري جدوجهدون هلائڻ ۽ سياست ۾ سنجيده معيار قائم ڪرڻ،

سائنسي بنيادن تي ڪم ڪرڻ ۽ نظم ۽ ضبط سبب تنظيم لاءِ وچولي طبقي جي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن ۽ عام ماڻهن ۾ عزت ۽ احترام پيدا ٿيو. ماڻهن ۾ اميد پيدا ٿي ته هيءَ تنظيم سنڌ جي لاءِ ڪجهه ڪندي.

هڪ طرف تنظيم جون اهي چڱايون ۽ ڪاميابيون هيون ته ٻي طرف اڻ ڄاتل انداز ۾ هڪ مهلڪ ڪينسر تنظيم کي اندارن ئي اندارن کائي تباهه ڪري رهيو هو. جنهن جون نشانيون تنظيم ۾ وقت به وقت اٿندڙ "سنگين بحرانن" جي صورت ۾ ظاهر ٿينديون رهيون. جن ڪئين ڀيرا تنظيم کي زبردست انتشار ۽ ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار بنايو. ٧٦-١٩٧٥ ۾، ۽ پوءِ ٧٩-١٩٧٨ ۾ ڪئين سينئر ۽ تجربيڪار اڳواڻ ۽ ساٿي تنظيم کي ڇڏي هليا ويا.

تنظيم اندر ٻن مک اڳواڻن، شهيد فاضل راهوءَ ۽ رسول بخش پليجي جي ڪم جو انداز ۽ طريقو شروع کان ئي الڳ رهيو. شهيد فاضل راهو هڪ نج عوامي اڳواڻ هو. منجهس ڪڏهن به مصنوعيت ۽ وڏائي نه ڏٺي وئي. سنڌ لاءِ پيرين اگهاڙين هارين، مزدورن، مسڪين ۽ مظلوم ماڻهن ۾ اٿاهه پيار هو. چو ته ڪيس پڻ عوام لاءِ حقيقي پيار هو. هو مسڪين ۽ مظلوم ماڻهن لاءِ ڪوبه جوکم کڻڻ کان ڪڏهن به نه ڪيٻائيندو هو. هو چوٽيءَ جو تنظيم ساز، جدوجهدون منظم ڪندڙ ۽ انهن جي اڳواڻي ڪندڙ، صف اول جو مجاهد، ويڙهو، سورهيه سپهه سالار هو. مٿي ذڪر ڪيل جدوجهدن ۾ شهيد فاضل جو رول سڀ کان اهم ۽ مٿاهون هو. هو لٻاڙ، اجائي بيان بازي، پٽاڙ ۽ ملن واري مناظري بازي کي قطعي پسند نه ڪندو هو. لئي، تعريف ۽ ڊرامي بازي کان ڪيس سخت نفرت هئي. هو مڪمل طرح هڪ عملي انسان هو. شهيد فاضل ڪليل ذهن ۽ دل جو مالڪ هو. هن نفرتن، ڪدورتن ۽ ويڇن کي گهٽايو ۽ پيار محبت ۽ اتحاد کي وڌايو. اهوئي سبب هو جو مخالف به سنڌس تعريف ڪرڻ تي

مجبوز هئا. سندس ڪردار بي داغ هو. ڪڏهن بہ ڪنهن متس آڱر نہ کنئي. تنظيم کي هلائڻ لاءِ محبت، دوستي، ڀائپي، ساٿي پڻو، جمهوريت، اظهار راءِ جي آزادي، تنقيد ۽ خود تنقيد سندس بنيادي اصول هئا.

ٻي پاسي رسول بخش پليجو صاحب آهي. هو هڪ سٺو مقرر، ليکڪ ۽ ٽيبل ٽاڪ جو ماهر ضرور آهي. پر سندس شخصيت ۽ ڪردار هميشہ تنظيم اندر ۽ تنظيم کان ٻاهر متنازع ۽ مشڪوڪ رهيا آهن. هو شروع کان ئي پيار محبت، ڀائيچاري، ساٿي پڻي بجاءِ نفرتون ۽ ڪدورتون وڌائيندو رهيو آهي. سندس شخصيت شهيد فاضل جيان ڪڏهن بہ عوامي نہ رهي آهي. هو عملي انسان گهٽ، تقرير باز، بيان باز ۽ ليڪچر ڏيڻ جو وڏيڪ شوقين رهيو آهي. هو جدوجهدن کان هميشہ ڀاڄ ڪائيندو رهيو آهي. شهيد فاضل جڏهن بہ جدوجهدون هلائيندو هو تہ پليجو صاحب کيس چوندو هو " فاضل تون مارائيندين"! پليجي صاحب کي شهرت ۽ تعريف جي گهٽي ضروت رهي آهي. هو مصنوعيت، شوبازي، لئي ۽ ڊرامي بازي کي پسند ڪندو آهي. عوام جي روز مرهہ جي مسئلن لاءِ جاکوڙ ڪرڻ ۽ سندن خدمت ڪرڻ کي هو فضول، بڪواس ۽ عذاب سڏيندو رهيو آهي. سندس ڪردار تي هميشہ آڱريون کڄنديون رهيون آهن. سندس باري ۾ ڪئين اسڪينڊل مشهور ٿيندا رهيا آهن. تنظيم ۾ آمرانہ طرز عمل، نفسياتي دٻاءُ، حڪم ٽاڻڻ، معتبري، انا، ضد ۽ غرور سندس رهمنا اصول رهيا آهن. هو تنظيم اندر اختلاف راءِ کي سختيءَ سان ڪچليندو رهيو آهي ۽ تنظيم ۾ ٻڌي ۽ اتحاد پيدا ڪرڻ بجاءِ گروهہ بندي، انتشار ۽ ٽوڙ ڦوڙ جو سبب بڻجندو رهيو آهي. سندس آمرانہ ۽ چاپلوسي پسند سوچ ۽ طبيعت کان بيزار ٿي وقت بوقت ڪئين ساٿي تنظيم کي ڇڏيندا رهيا آهن.

عوامي تحريڪ ۾ تازي ٽوڙ ڦوڙ ۽ ڏڙي بندي جو بہ مک سبب رسول بخش پليجو آهي. جنهن گذريل چند سالن

دوران تنظيم مٿان پنهنجي شخصي بالادستي قائم ڪئي ۽ آمرانہ طرز عمل اختيار ڪيو، اختلاف راءِ کي ڪچليو، تنقيد جي آزادي کي ختم ڪيو، شخصي فيصلا مڙهيا. غلط ۽ هاڃيڪار پاليسيون اختيار ڪيون ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ پارٽي اندر پنهنجا ناجائز مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو هڪ "جِي حضوري ٽولو" ٺاهيو. جنهن سندس هر غلط ۽ هاڃيڪار عمل ۽ فيصلي سان "ها ۾ "ها" ٽي ملائي.

پليجي صاحب جي غلط ۽ خطرناڪ عملن جي ڪري ڪو پارٽي کي اڄ ئي نقصان نہ پهتو آهي پر شروع کان سندس طريقہ ڪار، رويي ۽ ڪردار سبب تنظيم کي ڪاپاري ڌڪ رسندا رهيا آهن. تنظيم جا ايماندار، بااصول، سچار، باضمير، ۽ ويڙهو اڳواڻ ۽ ڪارڪن پليجي صاحب جي غلط سوچ ۽ عمل، آپيشاهي، پارٽي دشمن لاڙن، بي ضابطگين ۽ ڇڙواڳين خلاف هميشہ بهادري ۽ ثابت قدمي سان لڙندا رهيا آهن. پليجي صاحب جي انهن ڇڙواڳين ۽ خطرناڪ لاڙن سبب ١٩٨٣ع ۾ پارٽي جي هاءِ ڪمان فيصلو ڪري پليجي صاحب کان سمورا تنظيمي ۽ انتظامي اختيار واپس وٺي شهيد فاضل راهو جي حوالي ڪيا هئا. پليجي صاحب کي فقط ادبي ۽ نظرياتي مورچي تي لکا پڙهي جو ڪم سونپيو ويو هو.

جيستائين شهيد فاضل راهو زنده هو تيستائين هن تنظيم اندر وقت بوقت اٿندڙ بحرانن تي قابو ٿي پاتو. پليجو صاحب پنهنجي چرب زباني ۽ لفاظي ذريعي شهيد فاضل جي سادگي ۽ سچائي مان بہ فائدو وٺي ويندو هو. هو تنظيم اندر اڪثر پاڻ کي حق بجانب، صحيح، سچو ۽ پاڪ ثابت ڪرڻ ۽ پنهنجن مخالفن ۽ نقادن کي غلط، پارٽي دشمن ۽ غدار ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجو سمورو زور لائيندو هو. پرتنهن جي باوجود بہ شهيد فاضل پليجي صاحب ۽ سندس جِي حضوري ٽولي جي انا، هٺ، من ماني، آپيشاهي، غرور ۽ ڇڙواڳي خلاف جدوجهد ۾

مصروف رهيو ۽ پنهنجي، اصول پسندي، همٿ ۽ پارٽي جي طاقت وسيلي مٿن ڪنٽرول ٿي ڪيائين ۽ ڪين پارٽي جي فيصلن، پاليسين، اصولن ۽ ضابطن تي هلڻ لاءِ مجبور ٿي ڪيائين.

پر محترم فاضل راهو جي شهادت کان پوءِ پليجي ۽ سندس ٽولي لاءِ، تنظيم اندر پنهنجا من پسند مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ميدان صاف ٿي ويو. هاڻي جيئن ته پليجي صاحب جي غلط ڪارين ۽ ڇڙواڳين جي رستي ۾ ڪا به وڏي ۽ مؤثر رڪاوٽ نه رهي ۽ ڪو به اهڙو قدآور، بااثر ۽ طاقتور اڳواڻ ڪونه هو، جيڪو مٿس ڪنٽرول ڪري سگهي، ته هن ان صورتحال جو فائدو وٺي آهستي آهستي پارٽي تي مڪمل طرح پنهنجي شخصي بالادستي ۽ آمريت مڙهي ڇڏي. هن پارٽي جي اهم ادارن ۽ سينئر ساٿين جي ڪنهن به صحيح مشوري ۽ جائز تنقيد کي ٻڌڻ ۽ قبول ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. هن پنهنجي چالاڪي، حرفت بازي ۽ ڪوڙي دليل بازي جي زور تي پارٽي جي اهم ادارن ۽ سينئر ساٿين کي پنهنجي ڪنٽرول هيٺ رکڻ ۽ هلائڻ جي ڪوشش ڪئي. پارٽي جي اعليٰ اداري مرڪزي ڪميٽي جو اڌ پليجي جي هر ڪڏي ڪم تي آمنا صدقنا چوندڙ ۽ سندس ”جي حضوري ٽولي“ ۾ شامل هو. ۽ پيو اڌ انهن ساٿين تي مشتمل هو جن پليجي ۽ سندس ”جي حضوري ٽولي“ جي پارٽي دشمن سازش سان مقابلو ٿي ڪيو.

١٩٨٠ع کان ١٩٨٦ع تائين پليجو صاحب جيترو عرصو جيل ۾ هو. اهو عرصو پارٽي ۽ پارٽي جون تنظيمون گڏيل قيادت ۽ گڏيل صلاح مشوري ۽ جمهوري طريقه ڪار وسيلي وڌنديون ويجهنديون رهيون. پارٽي تنظيم مضبوط ٿي. ادارا مضبوط ٿيا. پارٽي جو نظريو ۽ پروگرام ڦهليو. پارٽي جو آئين، منشور ۽ پروگرام مرتب ڪيو ويو. پارٽي ١٩٨٣ع ۾ ايم آر ڊي جي زبردست جمهوري تحريڪ ۾ اهم ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪيو. عوامي تحريڪ جو وقار سنڌ ۽ ملڪ کان وڏي بين الاقوامي

سطح تي پهتو.

پر پليجي صاحب جي جيل مان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ ٽن سالن جي اندر پارٽي تباهي جي ڪناري تي اچي پهتي. ان عرصي دوران خاص طرح پليجي جي غلط پاليسين، آمرانہ رويي، هٺ، انا ۽ آپيشاهي سبب هڪ طرف تنظيم کي زبردست سياسي ناڪامين جو منهن ڏسڻو پيو تہ ٻي طرف تنظيم اندر زبردست سياسي، فڪري ۽ تنظيمي بحران پيدا ٿيو.

پليجي صاحب سنڌي ماڻهن جي وڏي جدوجهد ۽ ڪوشش کان پوءِ ٺهيل سنڌي عوام جي قومي اتحاد کي ختم ڪري سنڌ قومي اتحاد کي جنم ڏيڻ ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪيو. پر ١٩٨٨ع جي عام چونڊن ۾ پيپلز پارٽي کان قومي اسيمبلي جي سيٽ ملڻ جي آسري تي سنڌ قومي اتحاد مان نڪري آيو. پر سندس وڏين ڪوششن جي باوجود محترمہ بينظير ڀٽو کيس ٺٽي مان قومي اسيمبلي جي سيٽ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. چونڊن ۾ ذري گهٽ هڪ ڪروڙ رپيا خرچ ڪرڻ جي باوجود پليجي صاحب پنهنجي گهر جي تڪ جي سيٽ تان بري طرح شڪست کاڌي. سندس شڪست کائڻ جو هڪ اهم سبب هي هو تہ پنهنجي تڪ ۾ پليجي صاحب جو وقار نهايت مجروح ٿيل هو. ايتري حد تائين جو پنهنجي ڳوٺ جنگشاهي ۾ بہ هو ماڻهن لاءِ قابل قبول ناهي ۽ اتان جي پولنگ بہ هارايائين. خاص طرح ١٩٨٨ع جي چونڊن کان پوءِ پارٽي جي سياسي پاليسين ۾ توازن رکڻ ۾ پليجو صاحب بلڪل ناڪام ويو. بينظير ڀٽو جي وزارت عُظميٰ جي آخري ڏينهن ۾ هو پ پ جي غيراعلانيہ "ايجنٽ" طور ڪم ڪري رهيو هو. هن پنهنجي ۽ پارٽي جي سڃاڻپ ختم ڪري پيپلز پارٽي جي پڇ لٽڪائو طور ڪم ٿي ڪيو. پنهنجين ٻي برادر تنظيمن کي ملائي "سنڌي اتحاد" ٺاهيائين، پر ان کي سرگرم ۽ فعال ڪرڻ ۽ ان پليٽ فارم تان ڪا بہ مؤثر جدوجهد هلائڻ ۾ ذرو بہ دلچسپي نہ

ورتائين. سنڌي اتحاد جي پليٽ فارم کي فقط پنهنجي شخصي مفاد، انا ۽ شهرت ۽ حڪمران طبقن سان ڳٺ جوڙ ۽ سوديبازي لاءِ استعمال ڪيائين. عوامي نيشنل پارٽي ٽوڙڻ ۾ مک ڪردار ادا ڪيائين. عوامي نيشنل پارٽي مان نڪري اچڻ کان پوءِ لڳاتار هڪ سال تائين پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي باربار مطالبن جي باوجود ڪليل سياسي پارٽي ٺاهڻ يا عوامي تحريڪ کي بحال ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيائين. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سنڌ دشمن فاشسٽ دهشت گردن هٿان سنڌي ماڻهن جي قتل عام کي روڪڻ جي ڪابہ مؤثر جدوجهد هلائڻ نہ ڏنائين. سنڌي ماڻهن جي بچاءَ جو ڪوبہ قابل ذڪر ڪارنامو سرانجام نہ ڏنائين، بلڪ پارٽي جي نوجوان لڏي جي سخت دٻاءَ جي باوجود ان اهم قومي فرض کي ڇاڻي واڻي بلڪل پوئتي اڇلائي ڇڏيائين. هن پنهنجي شخصي بالادستي، آپيشاهي ۽ آمريت قائم ڪري پارٽي ادارن ۽ برادر محاذن جي تنظيم کي جڏو ۽ مفلوج بنائي ڇڏيو. عوام ۽ پارٽي جي سياست کي فقط پنهنجي ذات ۽ شخصيت جي چوڌاري ڦيرائڻ لڳو. پارٽي ۽ برادر محاذن ۾ ٽوليبازي ڪري انهن کي تباهہ ڪيائين. پارٽي ساٿين مٿان پنهنجا پڳهاردار جاسوس ويهاري کين نفسياتيءَ دٻاءَ، خوف ۽ هراس ۾ مبتلا ڪيائين. پارٽي ۽ برادر محاذن ۾ بداعتمادي ۽ غيريقيني جي صورتحال کي جنم ڏنائين. پنهنجي ذاتي ۽ گروهي مفادن لاءِ پارٽي فنڊ کي ناجائز طرح استعمال ڪيائين. پاڻ تي، پنهنجي ذات تي، پنهنجي عيش آرام، نٽ ٽانگر، نماءَ، شوبازي ۽ نام نهاد ”پروٽوڪول“ تي لامحدود خرچ ڪرڻ لڳو. پر پارٽي، برادر محاذن، تنظيمي ساٿين ۽ سياسي جدوجهدن تي خرچ ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. حڪم جاري ڪيائين تہ ”منهنجي اجازت کان سواءِ پائي بہ خرچ نہ ڪريو“. تنظيم اندر پنهنجي حامي، ثنا خوان، جي حضوري ماڻهن جو هڪ مفاد پرست، موقعي پرست ۽ ”مراعات يافتہ“ گروهہ پيدا ڪيائين.

پارٽي جي سينئر ساٿين جي ور ور بي عزتي ڪيائين ۽ سندن عزت نفس تي حملا ڪيائين. شهيد فاضل راهو جي وقار، مقام ۽ عزت کي گهٽائڻ جي سازش سٽيائين. شهيد فاضل راهو جي ورسي ملهائڻ بجاءِ، سخت اعتراض جي باوجود جنگشاهي ۾ پنهنجي سالگراهه ملهائڻ جي رسم وڌائين. چيائين ته راهوڪي ۾ شهيد فاضل راهو جي ورسي ملهائڻ جي ڪابه ضرورت ناهي. تنظيم اندر ۽ تنظيم کان ٻاهر پنهنجي "شخصيت پرستي" کي ايارڻ لاءِ هر قسم جا حربا هلايائين. تنظيم اندر رشوت، لالچ، خوف، اقربا پروري، سازش، گلا خوري، غداري جو ٽپو هٽڻ، ڪوڙ، مڪر، سياسي بلئڪ ميلنگ ۽ "ويڙهايو ۽ راڄ ڪريو" جهڙا عوام دشمن، زهريلا ۽ خطرناڪ فاشسٽ رجحان ۽ طريقا رائج ڪيائين. پليجي صاحب ۽ سندس "جي حضوري ٽولي" جي انهن پارٽي دشمن ۽ عوام دشمن عملن ۽ رجحانن سبب پارٽي ۾ هيٺين کان مٿين ڏاڪي تائين افراتفري، بي چيني، بداعتمادي، مايوسي ۽ غيريقينيءَ جي صورتحال پيدا ٿي چڪي هئي. ان منجهيل، بداعتمادي واري صورتحال ۾ تنظيم جو ڪوبه اڳواڻ ۽ ڪارڪن دلي خوشي ۽ اعتماد سان ڪوبه ڪم سرانجام ڏئي نه پئي سگهيو.

جيئن ته پارٽي ۾ پئدا ڪيل ان سنگين بحران ۽ تباه ڪن صورتحال جو مک ذميوار رسول بخش پليجو ۽ سندس غلط ۽ هاڃيڪار پاليسيون ۽ عوام دشمن ۽ پارٽي دشمن ڪم ۽ طريقا هئا. تنهن ڪري پارٽي جي اعليٰ ادارن خاص طور مرڪزي ڪميٽي ۾ پليجي جي ڪمن، پاليسين، غلط روش ۽ آمرانه طرز عمل تي باربار تنقيد ڪئي وئي ۽ منجهس سڌاري آڻڻ لاءِ ڪوششون ورتيون ويون. پر پليجي صاحب پاڻ تي ڪابه تنقيد ٻڌڻ ۽ برداشت ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، پاڻ ۾ سڌارو آڻڻ کان نابري واري ويهي رهيو ۽ اٽلو مرڪزي ڪميٽي جي انهن ميمبرن کي ڏوهاري قرار ڏنائين جن مٿس تنقيد ٿي

ڪئي.

١١ مئي ١٩٩٠ع تي مرڪزي ڪميٽي جي ذيلي ”تنظيمي ڪميٽي“ پنهنجي گڏجاڻي ۾ تفصيلي سوچ ويچار ۽ بحث مباحثي کان پوءِ ان نتيجي تي پهتي ته ”پارٽي ۾ سنگين تنظيمي ۽ فڪري بحران پيدا ٿيو آهي. پارٽي افسوسناڪ حد تائين تباهه حال ٿي وئي آهي. اها زندگي ۽ موت جي ڪشمش ۾ مبتلا آهي. تنظيم اندر روز بروز ڪيترائي سوال جنم وٺي رهيا آهن. پليجو صاحب صحيح معنيٰ ۾ پارٽي جي رهنمائي ڪرڻ ۽ پارٽي جا اهم ۽ فوري مسئلا حل ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهي. پارٽي ۽ ان جا ساٿي سخت مُونجهاري مايوسي، بددلي ۽ بداعتماديءَ جو شڪار ٿي چڪا آهن“. فيصلو ڪيو ويو ته پارٽي جي مرڪزي تنظيمي ڪميٽي ۽ پارٽي جا سينئر ساٿي پهرين جون ٩٠ع تي پارٽي جي مسئلن ۽ بحران بابت هڪ يادداشتنامون تيار ڪري پليجي صاحب کي پيش ڪندا ۽ مسئلن ۽ بحران جو حل ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا.

جڏهن ان فيصلي جو اطلاع پليجي صاحب کي مرڪزي تنظيمي ڪميٽيءَ پاران موڪليل ليٽر ذريعي ڏنو ويو ته ليٽر پڙهڻ کان پوءِ هو صفا آپي کان ٻاهر نڪري ويو، چوڻ لڳو ”اها سڀ بڪواس آهي. پارٽي ۾ چند غدارن منهنجي خلاف سازش سِٽي آهي ۽ مون کي بليڪ ميل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. پر آءٌ انهن جي بليڪ ميلنگ آڏو هرگز نه جهڪندس“.

پارٽي اندر پيدا ٿيل بحران تي غور ويچار ڪرڻ ۽ ان جو حل ڳولڻ لاءِ ٢٣ مئي ٩٠ع تي مرڪزي ڪميٽي جي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ تنظيمي ڪميٽي جي فيصلي تي بحث مباحثو ڪرڻ سان گڏ سڄي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. هن گڏجاڻي ۾ مرڪزي ڪميٽي جو هڪ حصو پليجي جي حمايت ۾ ٢ حصا سندس مخالفت ۾ هئا. پليجي صاحب جي غلط عملن، روين، پاليسين ۽ لاڙن تي سخت تنقيد ڪئي وئي. ڪيس

پارٽي پاران طئي ٿيل ضابطا ۽ فيصلا مڃڻ ۽ پاڻ ۾ درستي آڻڻ لاءِ چيو ويو. پر پليجي مرڪزي ڪميٽي جي تنقيد، تجويزن ۽ راين تي سهپ ۽ صبر سان غور ڪرڻ، پاڻ تي خود تنقيد ڪرڻ، پنهنجون غلطيون مڃڻ ۽ پاڻ ۾ بهتري آڻڻ بجاءِ مرڪزي ڪميٽي جي هر ڪوشش کي نفرت وچان ٺڏي ڇڏيو. تنظيمي ڪميٽي جي فيصلي کي زبردستي رد ڪيائين ۽ ٻين ميمبرن کي به ائين ڪرڻ لاءِ چيائين. هن پنهنجي روايتي انداز ۾ ڪاوڙ ۾ اچي سنڌس مخالف ميمبرن کي وارننگ ڏيندي چيو ”پارٽي اندر غدارن جي هڪ گينگ منهنجي خلاف سازش ڪئي آهي، جيڪا مون کي بليڪ ميل ڪرڻ گهري ٿي. مان انهن کي ڏسي رهندس! مرڪزي ڪميٽي جا جيڪي ميمبر ان سازش ڪندڙ گينگ ۾ ان بدمعاشي، غنڊا گردي ۽ غداري ۾ ملوث آهن اهي مرڪزي ڪميٽي تان استعيفيٰ ڏيئي وڃن“. هن چيو ”تنظيمي ڪميٽي کي پارٽي خلاف ڪم ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڊسمس ڪيو وڃي“. مرڪزي ڪميٽي جي ڪجهه ميمبرن ڪيس جواب ۾ چيو ”اوهان پارٽي ۾ بدنظمي ڦهلائڻ جا ذميوار آهيو. اوهان پارٽي تي پنهنجي شخصي ڊڪٽيٽرشپ قائم ڪئي آهي. اوهان تنظيم اندر جنسي ڪرپشن ۽ اسڪينڊل ۾ ملوث آهيو. جنسي ڇڙواڳي جي سلسلي ۾ اوهان تي سال اڳ پارٽي پاران جيڪي ضابطا لڳايا ويا هئا. اهي اوهان ٽوڙي ڇڏيا آهن ۽ هر هنڌ اوهان جي ۽ پارٽي جي بدنامي ٿي رهي آهي. تنهن ڪري اوهان پارٽي پاران لڳايل سمورا ضابطا مڃو ۽ سمورا اختيار مرڪزي ڪميٽي جي حوالي ڪريو“. هن جواب ۾ چيو ”آءُ اوهان جي جنسي بليڪ ميلنگ ۾ نه ايندس. اهي ضابطا ناجائز آهن، انهن کي آءُ مڃڻ لاءِ تيار نه آهيان. آئينده آءُ ان سلسلي ۾ ڪنهن جي ڪا به ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهيان. اهو منهنجو ذاتي معاملو آهي. ان سلسلي ۾ ڪنهن کي به مون کان پڇڻ جو ڪو حق ناهي.“ هن چيو ”پارٽي پاران مون کي اڳ مليل اختيار جيئن جو تيئن بحال رکيا وڃن.

جيڪڏهن مون کان اهي اختيار واپس ورتا ويا تہ پارٽي،نہ هلي سگهندي. توهان ماٺ ڪري منهنجي پويان هلو ۽ پوءِ مون کا رزلٽ وٺو.“ پليجي پنهنجي ان ڪوڙي، بوگس ۽ بي بنياد دليل بازي ذريعي زبردستي مرڪزي ڪميٽي جي اڪثريت جي اصولي مؤقف کي رد ڪري ڇڏيو ۽ پارٽي جي فيصلن ۽ ضابطن کي مڃڻ، پاڻ ۾ درستي آڻڻ ۽ مسئلن کي جمهوري انداز ۾ ۽ صحت مند نموني حل ڪرڻ بجاءِ صورتحال کي وڌيڪ منجهائي، خراب ۽ بدتر بنائي ڇڏيو.

مرڪزي ڪميٽي جي اجلاس کان پوءِ پليجي صاحب هر هنڌ اهو چوڻ شروع ڪيو تہ ”آءُ تنظيم ۾ آپريشن ڪلين اَپ ڪندس ۽ سمورن غدارن ۽ سازشين کي ڪچلي ڇڏيندس“. ظاهر آهي تہ پليجي صاحب جي نظر ۾ غدار ۽ سازشي پارٽي جا اهي سينئر ساٿي هئا جن مٿس جائز ۽ اصولي تنقيد ٿي ڪئي ۽ کيس صحيح رستي تي هلڻ جا مشورا ٿي ڏنا. هن ڪلم ڪلا ڪجهہ پارٽي اڳواڻن جا نالا وٺي مٿن غداري جو ٺپو هڻڻ شروع ڪيو. هن تنظيم جي ڪارڪنن ۽ جونئير ساٿين اڳيان باربار چيو ”فلاڻا فلاڻا غدار، سازشي ۽ دشمن جا ايجنٽ آهن، انهن پارٽي خلاف سازش ڪئي آهي. کين پارٽي مان خارج ڪيو ويندو.“

ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ پليجي صاحب پنهنجي مرضي سان حيدرآباد ۾ پارٽي جي ڪجهہ سينئر ساٿين جي هڪ هنگامي گڏجاڻي سڏائي. گڏجاڻي ۾ شامل سينئر ساٿين کي هن مخاطب ٿيندي چيو ”پارٽي ۾ ڪجهہ غدارن سازش ڪئي آهي. انهن کي پارٽي مان خارج ڪيو وڃي.“ پليجي انهن ۾ سنڌي اتحاد جي سيڪريٽري جنرل حسين بخش ناريجي ۽ سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي صدر ڊاڪٽر مصطفيٰ سهاڳ جا نالا ڪنيا. تنهن تي پارٽي جي سينئر ساٿي غلام نبي بهراڻي، پليجي کي مخاطب ٿيندي چيو ”جن ساٿين تي اوهان غداري جو الزام هڻو ٿا تن کي ڳالهائڻ جو ۽ پنهنجي صفائي جو موقعو ڏنو وڃي،“ جنهن

تي پليجي کيس چيو ”ان ۾ توکي سازش ۽ غداري نظر نٿي اچي ۽ اجان بہ چيئن ٿو تہ انهن کي صفائي جو موقعو ڏنو وڃي، تون بہ ان سازش ۾ شامل آهين“ کيس ڀراڻي صاحب چيو ”توکي ان طرح سواءِ ڪنهن ثبوت جي ڪنهن پارٽي ساٿي تي غداري جي الزام هڻڻ جو ڪوبہ حق ناهي. اسان توکي پارٽي جو سربراهہ ان ڪري چونڊيو هو تہ تون پارٽي کي وڌائي ويجهائي سگهارو ڪندين. پارٽي ۾ ٻڌي ۽ اتحاد پيدا ڪندين. پر تو پارٽي کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. تنهن ڪري اسين توکان مطالبو ٿا ڪريون تہ پنهنجي ناڪامي تسليم ڪندي تون فوراً پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي تان استيفيٰ ڏي“. پليجي ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿيندي کيس چيو“ توکي ميٽنگ ۾ ڳالهائڻ جو ڪو بہ حق ناهي“. ڀراڻي چيو ”جيڪڏهن ميٽنگ ۾ منهنجي ڳالهائڻ تي پابندي لڳائي ويندي تہ هت منهنجي ويهڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي، آءُ ميٽنگ جو بائڪاٽ ٿو ڪريان“. ان کان پوءِ ڀراڻي صاحب اٿي گڏجاڻي واري ڪمري کان ٻاهر وڃڻ لڳو تہ ڪجهہ ساٿين کيس ايلاز منٿون ڪري ويهاريو ۽ پليجي کان مطالبو ڪيو تہ ”ڀراڻي صاحب کي گڏجاڻي ۾ ڳالهائڻ ڏنو وڃي“. گڏجاڻي ۾ موجود هڪ سينئر ساٿي پليجي صاحب کي طنزيہ انداز ۾ چيو ”اوهان کي غدارن جي لسٽ تي نظرثاني ڪرڻي پوندي. اها لسٽ اڃا ڪجهہ ڊگهي آهي“! تنهن تي پليجي چيو ”آءُ سيني غدارن کي ڏسي رهندس“!

ساڳين ڏينهن ۾ پليجي صاحب ايس ايس ٽي جي ڪجهہ نوجوان دوستن کي پاڻ وٽ گهرائي چيو تہ ”مصطفيٰ سهاڳ پارٽي خلاف غداري ۽ سازش ڪئي آهي. مون کي ٻڌايو تہ ايس ايس ٽي جي مرڪزي ڪميٽي ۾ مصطفيٰ جا ڪهڙا حامي ۽ ڪهڙا مخالف آهن“! ايس ايس ٽي جا اهي نوجوان پليجي صاحب جو اهو انڪشاف ٻڌي حيران ٿي ويا، انهن پليجي کي چيو ”ايس ايس ٽي جي مرڪزي صدر تي اسان کي مڪمل اعتماد ۽ ڀروسو

آهي. اسين ڪيس سازشي ۽ غدار ٿا سمجهون. اوهان جو مٿس جيڪڏهن ڪو الزام آهي تہ اوهان ايس ايس ٽي جي مرڪزي ڪميٽي ۽ پارٽي جي سينئرساٿين جو گڏيل ”نمائنده فورم“ سڏائي ان ۾ اهي الزام ثابت ڪيو“.

هاڻي جڏهن پليجي ڏٺو تہ پارٽي جي ڪجهہ سينئر ۽ ايماندار ساٿين ڪي پارٽي مان ڪڍڻ جي سندس تيار ڪيل سازش ناڪام ٿي رهي آهي ۽ سندس رٿيل پارٽي دشمن ڊرامي جو پردو چاڪ ٿيڻ وارو آهي ۽ سندس اصلي روپ ۽ سينئر ساٿين خلاف لڳايل سندس بي بنياد الزامن جو ڪوڙ سمورن ساٿين اڳيان وائکو ٿيڻ وارو آهي ۽ پارٽي جي دباءَ ڪي ڏسندي، آخر هو پنهنجي بچاءَ لاءِ ايس ايس ٽي ۽ سينئر پارٽي ساٿين جو گڏيل اجلاس پهرين جولاءِ ١٩٩٠ع تي نسيم نگر حيدرآباد ۾ پنهنجي جاءِ تي گهرائڻ لاءِ راضي ٿيو. اجلاس ۾ ايس ايس ٽي جي مرڪزي ڪميٽي ۽ پارٽي جا چونڊ سينئر ساٿي شامل ٿيا. اجلاس ۾ پليجي صاحب ايس ايس ٽي جي مرڪزي صدر تي ساٿيا غداري ۽ سازش جا الزام هنيا. ايس ايس ٽي جي مرڪزي ڪميٽي ۽ پليجي صاحب جي وچ ۾ آمهون سامون چار ڪلاڪ بحث هليو. ايس ايس ٽي جي مرڪزي ڪميٽي پليجي صاحب کان پڇيو تہ ”اوهان وٽ انهن الزامن جي ثابتي ۾ ڪهڙو ٺوس ثبوت آهي؟“ تہ جواب ۾ پليجي گهٽوئي پنهنجي چرب زباني ۽ لفاظي کان ڪم ورتو، پر پنهنجن الزامن لاءِ ڪوبہ ٺوس ثبوت پيش نہ ڪري سگهيو. آخر ۾ جڏهن ايس ايس ٽي جي نوجوانن ڪيس گهٽو سوڙهو ڪيو، تہ پليجو اهڙو ڪچي جهڙي پت! سمورن ساٿين اڳيان پشيمان ٿي ماٺ ڪري ويهي رهيو. آخر ۽ اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ پليجي صاحب جي الزامن بابت پارٽي ٻاران هڪ جاچ ڪميشن ويهاري ويندي. ان جي اڳيان جيڪو بہ ڏوهي ثابت ٿيو ان کي سزا ڏني ويندي. جيڪڏهن پليجي صاحب جا الزام غلط ثابت ٿيا تہ ڪيس پنهنجا الزام واپس وٺڻا

پوندا ۽ پارٽيءَ جي فيصلي کي منهن ڏيڻو پوندو. اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو تہ آئنده پليجو صاحب ڪنهن بہ ساٿي خلاف ڪٿي بہ ان قسم جي الزام تراشي نہ ڪندو. پر هيڏانهن اجلاس ختم ٿيو ۽ هوڏانهن پليجي وري پنهنجي مهم شروع ڪئي. هن اجلاس ۾ ڪيل فيصلن جي پيچ ڪڙي ڪئي. نہ هو پنهنجي الزام تراشي کان باز آيو ۽ نہ ئي پارٽي جي جاچ ڪميشن ويهارڻ ڏنائين.

ان صورتحال ۾ جڏهن پارٽي جي سينئر ساٿين ڏٺو تہ پليجو صاحب ڪنهن جي ڪابہ ڳالهہ قبول ڪرڻ ۽ پارٽي جو ڪوبہ اصول ۽ فيصلو مڃڻ لاءِ تيار ناهي ۽ جاٽي واٽي هٽ ڌوئي پارٽي کي تباهہ ڪرڻ جي پويان پيو آهي. تہ ان خوفناڪ ۽ سنگين صورتحال تي غور ويچار ڪرڻ ۽ ان جو حل ڳولڻ لاءِ پارٽي جي سينئر ساٿين ١٥ جون تي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ گڏجاڻي ڪئي. جنهن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ پارٽي جي بحران کي حل ڪرڻ ۽ سياسي محاذ ”عوامي تحريڪ“ کي بحال ڪرڻ لاءِ، تنظيمي ساٿين جي هڪ ”وسيع نمائنده ڪانفرنس“ گهرائڻ جو پليجي صاحب کان مطالبو ڪيو وڃي. پڻ ڏينهن گڏجاڻي ۾ موجود سمورا ساٿي شهيد فاضل راهو جي فرزند محمد اسماعيل راهو سان مليا. سندس اڳيان سڄي صورتحال رکيائون ۽ تجويز رکيائون تہ هو نمائنده ڪانفرنس گهرائڻ لاءِ پليجي صاحب سان رابطو ڪري ۽ سندس اڳيان ساٿين جو اهو مطالبو رکي. اسماعيل راهو خود انهن مسئلن جي سنگيني کي تسليم ڪندي چيو تہ ڪانفرنس گهرائڻ لاءِ هو پليجي صاحب سان تڪڙو رابطو ڪندو. هڪ طرف پليجي سان اختلاف رکندڙ ساٿي پارٽي جي بحران کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هئا تہ ٻي طرف پليجي تنظيم اندر ڇڪتاڻ کي وڌيڪ تيز ڪرڻ ۽ بحران کي وڌيڪ پيچيدو ڪرڻ لاءِ پنهنجي ”جي حضوري ٽولي“ کي ساڻ ڪٺي لاڙڪاڻي، شڪارپور، سکر، خيرپور، جيڪب آباد ۽ سانگهڙ ضلعن جو دورو شروع ڪيو. هن هرهنڌ تنظيمي ڪارڪنن جون

ميٽنگون ڪرائي اتي اختلاف رکندڙ ساٿين کي "غدار" سازشي ۽ "پارٽي جو دشمن" قرار ڏنو ۽ چيو تہ "اهي جتي بہ وڃن ڪين ڪچليو وڃي، ڪين شوٽ ڪيو وڃي ۽ سندن ڪنڌ مروڙيو وڃي". هن اهو پڻ چيو تہ "انهن غدارن سان نہ ڪوئي ملي ۽ نہ سندن ڪا ڳالهہ ٻڌي وڃي".

پليجو جڏهن پنهنجي سموري لڏ سميت لاڙڪاڻي ۾ (١٧ جولاءِ) هو تہ اتي حيدرآباد مان اسماعيل راهو ساٿس فون تي رابطو ڪيو ۽ کيس اختلاف رکندڙ ساٿين جي تجويز مطابق پارٽي جي نمائنده ڪانفرنس گهرائڻ لاءِ چيو. ان تي پليجي، اسماعيل کي چيو تہ "آءُ ٢٠ جولاءِ تي ايس ايس ٽي جي اڳواڻ عبدالرحمان لاشاري جي چاليهي تي ٺٽون ڪوٽ (ضلعو ٿرپارڪر) ايندس جتي اوهان بہ اچو ۽ ڪانفرنس جي گهر ڪندڙ همراهہ بہ اچن. اتي ڪانفرنس گهرائڻ بابت وڌيڪ ڳالهيون طئي ڪنداسون."

پليجو صاحب شاهہ پور چاڪر کان ٿيندو، جتي هن ڪارڪنن جي گڏجاڻي گهرائي ساڳي ريت اختلاف رکندڙ ساٿين خلاف فراخدليءَ سان زهراوڳاچيو، ٢٠ جولاءِ تي ٺٽون ڪوٽ ۾ شهيد عبدالرحمان لاشاري جي چاليهي تي پهتو. اتي محمد اسماعيل راهو بہ آيو ۽ وسيع نمائنده ڪانفرنس جي گهر ڪندڙ ساٿي بہ آيا. جلسي جي اختتام کان پوءِ اسماعيل راهو جڏهن پليجي صاحب سان نمائنده ڪانفرنس جو ذڪر ڪيو تہ پليجي اصل موضوع کان لنوائيندي کيس چيو "اوهان سياڻي مون سان حيدرآباد ۾ ملو، وڌيڪ ڳالهہ ٻولهہ اتي ڪنداسيون". ٢١ جولاءِ تي اسماعيل راهو پليجي صاحب سان حيدرآباد ۾ سندس نسيم نگر واري جاءِ تي مليو، جتي هن وري پليجي اڳيان نمائنده ڪانفرنس جي گهر دهرائي. پر پليجي اسماعيل کي ان جو ڪو بہ واضح جواب نہ ڏنو.

پليجي سان اختلاف رکندڙ پارٽي جي سينئر ساٿين

پاران پارٽي جي تيزي سان وڌندڙ بحران حل ڪرڻ لاءِ نمائنده ڪانفرنس ڪوٺائڻ لاءِ ورتل ڪوشش ۽ پليجي پاران اهڙي ڪانفرنس ڪان مسلسل لنوائڻ مان صاف ظاهر هو ته پليجو مطالحتي ڪانفرنس ڪوٺائڻ ۾ قطعي مخلص، سنجيدو ۽ سچو نه هو. هن پنهنجو هر ڪم وڏي خبرداري سان يڪ طرفه طور پئي ڪيو. هڪ طرف هن اسماعيل راهو ڪي پنهنجن اينگهائيندڙ حربن (Delaying Tactics) وسيلي منجهائي رکيو. ته ٻي طرف انهن حربن مان وقت وٺي اختلاف رکندڙ ساٿين کي ڪچلڻ ۽ کين پارٽي مان خارج ڪرڻ لاءِ ميدان تيار ڪيو.

اختلاف رکندڙ ساٿين کي پليجي جي انهن ناپاڪ ارادن جي سُڌ ان وقت چڱي ريت پئجي وئي جڏهن سندن اڳيان اسماعيل راهو پليجي صاحب جي رويي کان مايوسي جو اظهار ڪيو ۽ جڏهن کين اها خبر پئي ته پليجي ٢٢-٢٣ جولاءِ تي جنگشاهي ۾ پارٽي ڪانفرنس جي نالي ۾ پنهنجي من پسند ماڻهن جي هڪ گڏجاڻي گهرائي آهي.

پنهنجي ان سڏايل گڏجاڻي ۾ پليجي صاحب اختلاف رکندڙ ۽ نمائنده ڪانفرنس جي گهر ڪندڙ ساٿين مان ڪنهن کي به شرڪت جي دعوت نه ڏني ۽ نه ئي اسماعيل راهو کي دعوت ڏني. هن ان گڏجاڻي ۾ پنهنجي مرضي سان جيڪي فيصلا ڪرائڻا هئس سي ڪرايا. گڏجاڻي ۾ پليجي اختلاف رکندڙ ساٿين خلاف نعرا لڳرايا ۽ مٿن لعنتون وجهرايون. اختلاف رکندڙ ساٿين پاران نمائنده ڪانفرنس جي مطالبي کي پوئتي اڇلائڻ ڪانپوءِ پليجي جي سڏايل اها گڏجاڻي نه آئيني هئي، نه قانوني ۽ نه ئي ان ۾ ڪيل سندس فيصلا جمهوري، آئيني ۽ قانوني هئا. دراصل پليجي يڪطرفه طور پنهنجن مقصدن لاءِ اها گڏجاڻي گهرائي عملاً پارٽي کي ٽوڙڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو. ان گڏجاڻي ۾ پليجي صاحب اهو فيصلو ڪيو ته ”نمائنده ڪانفرنس جي ڪا به ضرورت ناهي. البت گمراهه دوست توبهه تائب ٿي،

ڪوبہ اختلاف رکڻ، تنقيد ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي گهر ڪان سواءِ، پنهنجون غلطيون تلسيم ڪن، سندس تابعداري قبول ڪن ۽ اکيون ٻوٽي سندس پويان هلن تہ انهن لاءِ پارٽي اندر (ماٺ ڪري ويهڻ جي) گنجائش آهي".

ان ڪان اڳ جڏهن پليجو صاحب اَپر سنڌ جي دوري تي هو (١٨ جولاءِ) تہ اختلاف رکندڙ ساٿين پاران هڪ اخباري بيان جاري ڪيو ويو هو. جنهن ۾ چيل هو تہ "پارٽي جي سينئر اڳواڻن جو هڪ اجلاس ٽنڊي محمد خان ۾ ٿيو. جنهن ۾ عوامي تحريڪ کي بحال ڪرڻ بابت صلاح مشورو ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ قطعي فيصلو پارٽي جي ٻين اڳواڻن سان رابطو ۽ صلاح مصلحت ڪرڻ ڪان پوءِ ڪيو ويندو".

جيتوڻيڪ اهو بيان جاري ڪرڻ جو اختلاف رکندڙ ساٿين کي پورو پورو حق هو. پر پليجو صاحب ان تي صفا مچرجي پيو. هن ان بيان کي آڙ بنائي چوڻ شروع ڪيو تہ "ڏسو مون اڳ ئي چيو هو تہ هي غدار آهن، پارٽي کي ٽوڙڻ گهرن ٿا"، پليجي صاحب پاران اٿاريل اها بي بنياد پروپيگنڊا فقط اختلاف رکندڙ ساٿين کي بدنام ڪرڻ لاءِ شروع ڪئي وئي. جنهن کي ڪٺي پليجي جي "جي حضوري ٽولي" هر هنڌ واويلا شروع ڪئي تہ "هي پارٽي ٽوڙڻ گهرن ٿا". جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ اختلاف رکندڙ ساٿي آخري ڏاڪي تائين پارٽي کي متحد رکڻ ۽ پارٽي کي بچائڻ لاءِ وسيع نمائنده ڪانفرنس گهرائڻ جون ڪوششون ڪندا رهيا.

پر پليجي صاحب شعوري طرح سان انهن ڪوشش کي ناڪام بنائي ڇڏيو ۽ پارٽي کي ٽوڙڻ لاءِ ميدان هموار ڪيو.

جيتوڻيڪ ان وقت پليجي صاحب جو دفاع ڪندڙ ڪجهہ ساٿي اهڙا بہ هئا جن صورتحال جي سنگيني کي محسوس ٿي ڪيو ۽ سمجهيو ٿي تہ پليجي جي هٺ ڌرمي، انانيت ۽ ضديت پارٽي کي ڪاپاري ڌڪ رسائي سگهي ٿي. تنهن ڪري هنن

ڪنهن حد تائين پليجي صاحب ڪي حق سچ جي ڳالهه مڃڻ، اختلاف ۽ تنقيد برداشت ڪرڻ، غلط روش درست ڪرڻ ۽ پارٽي جي بحران کي ختم ڪرڻ لاءِ پليجي کان نمائندہ ڪانفرنس ڪوٺائڻ جي گهر ڪئي. پر جئين ته پليجي صاحب پنهنجي ذهن ۾ اهو طئي ڪري ڇڏيو هو ته ڪانفرنس ڪنهن به صورت ۾ ڪرڻي ناهي. تنهن ڪري هن ان وقت پارٽي اندر پنهنجن نفسياتي حربن وسيلي خوف، هراس ۽ دٻپ جو ماحول پيدا ڪيو ۽ چوڻ شروع ڪيو ته ”غدارن، سازشين ۽ باغين جو سرڪچليو ويندو ۽ جيڪي انهن جي حمايت ڪندا تن جو به اهڙو ئي حشر ڪيو ويندو“ هن وڌيڪ اهو پڻ چيو ته ”پارٽي ڪارڪنن جي اڪثريت مون سان گڏ آهي. اهي به تي ماٺهو تين تين ڪن ٿا جن کي آءُ ٺيڪ ڪري ڇڏيندس. اهي به ائين ئي ختم ٿي ويندا جئين اڳيان غدار ختم ٿي ويا آهن“. ان خوف، هراس ۽ نفسياتي دٻاءَ جي ماحول ۾ پليجي صاحب جا طرفدار، اُهي تنظيمي ساٿي جيڪي ڪانفرنس ڪوٺائڻ جي حق ۾ هئا ۽ جن پنهنجي طرفان اهڙيون ڪوششون ٿي ڪيون. تن جي پليجي جي هٺ ڌرمي، آمريت ۽ چالاڪي اڳيان هڪ به نه هلي ۽ سندن ڪوششون ناڪام ٿيون.

٢٢ جولاءِ تي جنگشاهي ۾ پارٽي ڪانفرنس جي نالي ۾ پنهنجي حمايتين ۽ طرفدارن جي گڏجاڻي ڪرڻ کانپوءِ پليجي پاران اخبارن ۾ هڪ بيان جاري ڪيو ويو. جنهن ۾ چيو ويو ته ”ڪجهه دوست پارٽي جي خلاف ۽ گمراهه ٿي ويا آهن ۽ ڏيڏ چانور جي ديڳڙي چاڙهڻ چاهين ٿا تن کي ڪپي ته اهي پارٽي ۾ واپس موٽي اچن“ حالانڪه ٢٢ جولاءِ تي صبح جو پليجو جڏهن نسيم نگر حيدرآباد مان جنگ شاهي ميٽنگ لاءِ وڃي رهيو هو ته ڊاڪٽر مصطفيٰ سهاڳ ساڻس ملاقات ڪئي ۽ ڪيس گذارش ڪئي ته هو ضد ۽ انا کي ڇڏي پارٽي کي ٽٽڻ کان بچائي، تنهن تي پليجي کيس جواب ڏنو ته ”اوهان گلبدين حڪمت يار وانگر

پڳوڙن جي گينگ آهيو. اوهان سان نہ ڳالهائيندس".

جڏهن اختلاف رکندڙ ساٿين ڏٺو تہ پليجي صاحب پارٽي اندر ويهي برابري ۽ اصولن جي بنياد تي ڳالهين ڪرڻ ۽ پارٽي جي وسيع نمائنده ڪانفرنس ذريعي پارٽي جو بحران ختم ڪرڻ جا سڀ دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن، هو ڪنهن بہ ساٿيءَ جي تنقيد ۽ راءِ کي سنجيدگيءَ سان ٻڌڻ، سمجهڻ ۽ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ۽ پنهنجي هٺيلي ۽ هوڏي طبيعت ۽ آمرانہ ۽ غير سنجيدہ روش ۾ تہ جيترو بہ سڌارو آڻڻ لاءِ تيار ناهي. بلڪ حق ۽ سچ جي ڳالهہ ڪندڙ ۽ پارٽي کي بچائڻ جون ڪوششون ڪندڙ ساٿين کي سبق سيکارڻ جون ڌمڪيون پيو ڏي، ۽ جڏهن سڌاري جون ڪوششون ڪندڙ ساٿين ڏٺو تہ محمد اسماعيل راهو بہ پليجي صاحب جي رويي مان مايوس ٿي چڪو آهي ۽ پليجي صاحب پارٽي اندر مصالحت جي ڪابہ گنجائش نہ ڇڏي آهي، تہ ان صورتحال ۾ اختلاف رکندڙ ساٿين جن جي اڳواٽي پارٽي جي سينئر، آزمايل، تجربيڪار ۽ قربانيون ڏيندڙ ساٿين سردار محمد خان مگسي، غلام نبي ڀرڙاٽي، محمد قاسم مير جت ،حسين بخش ناريجو، ڊاڪٽر ظفر قادري، ڊاڪٽر خليل قاضي، ڊاڪٽر مصطفيٰ سهاڳ، ڊاڪٽر منير پرڳڙي ۽ ٻين ساٿين ٿي ڪئي، تن ٢٣ جولاءِ تي ٽنڊي محمد خان ۾ پارٽي جو اجلاس ڪوٺايو. جنهن ۾ سڄي سنڌ مان تنظيم جي نمائندن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ عوامي تحريڪ کي بحال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اهو اعلان ٢٣ جولاءِ ٩٠ع جي اخبارن ۾ ڇپيو. عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائزنگ ڪميٽي ۽ ان جا عهديدار چونڊيا ويا.

ساڳي ڏينهن (٢٣ جولاءِ تي) شام جو پليجو صاحب پنهنجي حضوري ٽولي کي ساڻ ڪٺي محمد اسماعيل راهو وٽ راهوڪي ويو. هن اسماعيل صاحب کي پنهنجي طرف ڪرڻ لاءِ پنهنجا سمورا حيلا هلايا. ايتري قدر جو پليجي کيس ايلاز منٿون

ڪيون ۽ ڪيس شهيد فاضل راهو جو واسطو وجهي چيو ”جيڪڏهن تون مون سان گڏ نہ هلندين تہ آءُ جنگشاهي ۾ وڃي ويهي رهندس ۽ سياست تان رٽائر ٿي ويندس. آءُ فاضل جو دوست آهيان تون منهنجو خيال ڪر“ ان قسم جون آزيون نيازيون ڪري نيٺ هو عارضي طرح اسماعيل راهو کان پنهنجي حمايت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ٢٢ جولاءِ تي پليجو اسماعيل راهو کي پاڻ سان گڏ وٺي حيدرآباد آيو. ڪيس پريس ڪلب ۾ پاڻ سان گڏ ويهاري پريس ڪانفرنس ڪيائين، جنهن ۾ عوامي تحريڪ (پليجو گروپ) جو اعلان ڪيائين. پاڻ مرڪزي ڪنوينر ٿيو ۽ اسماعيل راهو کي سيڪريٽري جنرل مقرر ڪيائين.

اها سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ جيڪو پليجو ٢٣ جولاءِ تائين بہ ڪنهن سياسي پارٽي ٺاهڻ يا عوامي تحريڪ کي بحال ڪرڻ جي حق ۾ نہ هيو. تنهن آخر اختلاف رکندڙ ساٿين پاران عوامي تحريڪ بحال ڪرڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن تي پنهنجي نالي سان عوامي تحريڪ جو اعلان ڇو ڪيو؟

اهو بہ ٿي پئي سگهيو تہ جن ساٿين عوامي تحريڪ جي بحالي جو اعلان پهريائين ڪيو، پليجو صاحب انهن سان گڏجي ويهي ها ۽ هڪ پاسي تنظيمي بحران ۽ مسئلا حل ڪرڻ لاءِ راضي ٿئي ها، ۽ ٻي طرف عوامي تحريڪ جي ٻن ڌڙن ۾ ورهائجڻ جو امڪان بہ ختم ٿي وڃي ها. پر دراصل پليجي صاحب جو اهو مقصد هو ئي ڪونہ. ڪيس اهي ٻئي ڪم ڪرڻا ئي نہ هئا. تنهن ڪري هن ٻئي ڏينهن تي پنهنجي ڪرندڙ ساک کي ٽيڪو ڏيڻ لاءِ عوامي تحريڪ (پليجو گروپ) جو اعلان ڪيو.

عوامي تحريڪ (پليجو گروپ) جي اعلان کان چند ڏينهن پوءِ اسماعيل راهو، پليجي صاحب کي چيو تہ ”هاڻي اختلاف رکندڙ دوستن سان ڳالهيون ٻولهيون ڪري ٺاهہ لاءِ ڪوششون

ڪجن" جواب ۾ پليجي صاحب ڪيس چيو "اهي دوست ناهن، دشمن آهن، غدار آهن، سازشي آهن، انهن سان ڳالهائڻ يا ٺاهہ جي ڪابہ ضرورت ناهي، بلڪ انهن کي ڪچليو ويندو. تون ٻاهر نڪري سچي سنڌ جو دورو ڪري انهن غدارن ۽ سازشين کي ڪچل ۽ ڪين تهس نهس ڪر". اسماعيل راهو کي پليجي جو اهو جواب ٻڌي سخت مايوسي ٿي. هن کي پڪ هئي تہ ان مسئلي تي پليجي صاحب سان وڏيڪ بحث ڪرڻ ٻيرن ڪان ٻير گهرڻ جي برابر ٿيندو. تنهن ڪري هن پليجي کان لاتعلق ٿيڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. هن پليجي صاحب جي خاص خليفي عالم شاهہ کي چيو "اوهان مون کان جيڪو ڪم وٺڻ چاهيو ٿا. اهو مون کان ڪونہ پڄندو. آءُ اختلاف رکندڙ دوستن کي غدار ۽ سازشي نٿو سمجهان. اهي بہ اوهان وانگر شهيد فاضل جا ساٿي آهن. انهن کي بہ آءُ اهڙو ئي قابلِ احترام ساٿي سمجهان ٿو، جهڙو اوهان کي. پوءِ آءُ نڪري سچي سنڌ ۾ انهن جي خلاف مهم ڪيئن هلائيندس ۽ انهن کي غدار ۽ سازشي ڪيئن چوندس. اهو ڪم مون کان ڪونہ پڄندو ۽ هاڻي آءُ اوهان سان گهڻو وقت گڏجي نٿو هلي سگهان. ان ڪري مون عوامي تحريڪ (پليجو گروپ) تان استعفيٰ ڏيڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي". عالم شاهہ اسماعيل راهو کي گهڻيون ئي آزيون نيازيون ڪيون تہ "تون اسان جي عوامي تحريڪ تان استعفيٰ نہ ڏي". پر اسماعيل راهو ڪيس هڪ ئي جواب ڏنو تہ "مون اهو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي". ان جي ٻي ڏينهن تي اسماعيل راهو عوامي تحريڪ (پليجو گروپ) تان استعفيٰ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. جيڪو سمورين اخبارن ۾ ڇپيو.

اسماعيل راهو جي استعفيٰ کان پوءِ پليجي ۽ سندس گرهہ اسماعيل صاحب کان انتقام وٺڻ لاءِ سندس ڪردار ڪشي جي مهم شروع ڪري ڏني. پليجو ۽ سندس ٻولڙيا اسماعيل جي مخالفت ۾ ايترو اڳيان نڪري ويا جو شهيد فاضل راهو مٿان گند

اڇلائڻ کان بہ نہ مڙيا. هو چوڻ لڳا ”اسماعيل وڪامجي ويو آهي. هن غداري ڪئي آهي“.

ٻي طرف اسماعيل صاحب ان پروپيگنڊا جي پرواهہ نہ ڪندي عوامي تحريڪ کي ٻيهر متحد ڪرڻ ۽ ٻنهي ڌڙن ۾ مصالحت ڪرائڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪري ڏنيون. پليجي سان اختلاف رکندڙ (حقيقي عوامي تحريڪ وارن) ساٿين اسماعيل راهو جي انهن ڪوششن جي آجيان ڪئي ۽ چيو تہ هو برابري ۽ اصولن جي بنياد تي مصالحت ۽ ٺاهہ لاءِ جيڪي بہ ڪوششون ڪندو اهي کين منظور هونديون. ان سلسلي ۾ محمد اسماعيل راهو پيش قدمي ڪري پليجي صاحب سان حيدرآباد ۾ ملاقات ڪئي ۽ سندس اڳيان تجويز رکي تہ ٺاهہ لاءِ هڪ مصالحتي ڪميٽي ٺاهي وڃي جنهن ۾ اسماعيل سميت ٻي ٻيا سينئر ساٿي (جمعو نوحاڻي، مير امان الله ۽ نظام بلوچ) کنيا وڃن. اها ڪميٽي ٻنهي طرفن جي ساٿين سان ملي ۽ مصالحتي ڪانفرنس ڪرائڻ لاءِ ڪوشش وٺي، پر پليجي صاحب اسماعيل راهو جي ان تجويز کي رد ڪري ڇڏيو ۽ ان جي برعڪس هن پنهنجي گروپ جي ڪجهہ ماڻهن تي مشتمل ڪميٽي ٺاهي ڇڏي. جنهن جو سربراهہ عالم شاهہ کي مقرر ڪيائين. جنهن اسماعيل راهو ۽ ٻين اختلاف رکندڙ ساٿين خلاف گندي اخباري بيان بازي جي مهم شروع ڪري مصالحت ۽ مفاهمت بجاءِ صورتحال کي وڌيڪ خراب ڪري ڇڏيو ۽ محاذ آرائي کي وڌايو. دراصل اهي بيان پليجي صاحب پاڻ لکي پنهنجي حڪم سان (عالم شاهہ جي نالي ۾) جاري ڪيا هئا. چو تہ مصالحت ۽ ٺاهہ جي سلسلي ۾ پليجو صاحب سچو نہ هو. هن فقط ڪارڪنن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ پنهنجي نام نهاد مصالحتي ڪميٽي مقرر ڪئي هئي. جنهن وٽ ڪوبہ اختيار ڪونہ هو.

محمد اسماعيل راهو سان سندس مصالحتي ڪوشش جي سلسلي ۾ سهڪار ڪرڻ تہ هڪ طرف الٽو پليجي صاحب ۽

سندس جي حضوري ٽولي اسماعيل راهو کي بدنام ڪرڻ ۽ ڪيس سياسي منظور تان هٽائڻ لاءِ سندس خلاف سخت زهريلي پروپيگنڊا مهم هلائڻ شروع ڪئي.

۹ آگسٽ تي پليجي صاحب غيرقانوني ۽ غيرآئيني طرح حيدرآباد ۾ سنڌي اتحاد جو اجلاس ڪوٺايو. سنڌي اتحاد جو اجلاس سڏائڻ جا مجاز اتحاد جو صدر محمد اسماعيل راهو ۽ سيڪريٽري جنرل حسين بخش ناريجو هئا. اتحاد جي انهن مک عهديدارن ۽ مرڪزي باڊي جي ٻين اهم ميمبرن جي غير موجودگيءَ ۾ اتحاد جي ان گڏجاڻي جي ڪابہ حيثيت نہ هئي. ان غيرنمائنده ۽ غيرآئيني گڏجاڻي ۾ پليجي صاحب پنهنجي چند حمايتن کي ويهاري پاڻ کي اتحاد جو صدر بنايو ۽ پنهنجي هڪ حمايتي کي جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو. ان غير جمهوري انداز ۾ اسماعيل راهو ۽ حسين بخش ناريجي کي اتحاد جي اهم عهدن تان هٽائي ۽ اتحاد کي پنهنجي هٿن جو رانديڪو بنائي پليجي دراصل ان ڏينهن ئي سنڌي اتحاد کي پنهنجي هٿن سان دفن ڪري ڇڏيو.

# پليجي خلاف چارج شيٽ

عوامي تحريڪ کي ٽوڙڻ ۽ سنڌي اتحاد کي تباهہ ڪرڻ کان پوءِ پليجي صاحب پنهنجي گناهن ۽ جُرمن تي پردو وجهڻ لاءِ پارٽي جي سچار ۽ ايماندار سينئر اڳواڻن خلاف نهايت گندي، زهريلي ۽ ڪريل الزام تراشي جي مهم شروع ڪري ڏني آهي. سنڌس ڪرائي دار ٻولڙيا الزامن جا ڪارا مٿن تي ڪنيون گهٽي گهٽي ۾ هوڪا ڏيندا پارٽي جي سينئر ساٿين خلاف زهراوڳاڇيندا وتن ٿا. انهن ٻولڙين ۾ ڪيترا اهڙا بہ آهن جيڪي ٿورو ئي عرصو اڳ خود پنهنجي زبان سان پليجي صاحب کي "لباڙي" "لئي باز" "چاڙي باز" "ٻهرو پيو" "ڊرامي باز" "ڊيڃو" "ويڪائو" "اذيت پسند" "وحشي" "درندو" "سفاڪ" "خود غرض" "عياش" "ڪرپٽ" "شرابي" "ڪوڙو" "منافق" "سازشي" "مجرم" "غدار" وغيره جهڙا "خطاب" ۽ "القاب" ڏئي چڪا آهن. اهي اڄ سنڌس پئسن تي وڪامجي سنڌس هٿن جا طوطا بنيا، سنڌس ڪوڙي تعريف جا ڍڪ پري رهيا آهن.

پليجي پنهنجن طوطن کي اها پٽي پڙهائي ڇڏي آهي تہ "پارٽي اندر اختلاف ۽ مسئلا وغيره ڪجهہ نہ هئا. اهي سڀ انهن

غدارن ۽ ايجنٽن جا پيدا ڪيل هئا، جن ايجنسين کان پئسا وٺي پارٽي اندر منهنجي خلاف سازش سٽي هئي“. پليجي صاحب جا پولڙيا سندس تيار ڪيل اها ڪئسٽ ڪنيون هر هنڌ وڄائيندا وتن ٿا ۽ شد مد سان رات ڏينهن پارٽي جي ايماندار، سچار ۽ قربانيون ڏيندڙ اڳواڻن کي غدار ثابت ڪرڻ ۽ مٿن ڪريل، واهيات ۽ غليظ الزام هڻڻ ۾ لڳا پيا آهن.

پليجي صاحب جا طرفدار، پر پارٽي لاءِ دل ۾ ڪجهه درد رکندڙ ۽ اختلاف رکندڙ ساٿين لاءِ پنهنجي دل ۾ ٿورڙو نرم گوشو رکندڙ ڪجهه دوست وري هيءَ ڳالهه ڪن ٿا تہ ”اختلاف رکندڙ ساٿين کي ڪي نظرياتي ۽ اصولي اختلاف نہ هئا. البت معمولي ۽ ننڍڙا اختلاف هئا، جن تان هو رُسي ويا آهن. اهي اختلاف گڏجي ويهي حل ڪري سگهجن ها ۽ پارٽي ٽٽڻ جي نوبت نہ اچي ها“ انهن ٻنهي ڳالهين ۾ گهڻو زور ”نظرياتي“ اختلافن تي ڏنو ويو آهي. ڪن جو وري چوڻ آهي تہ ”ڳالهيون تہ سڀ صحيح آهن، پر تنظيم نہ ٽٽڻ گهرجي“.

سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ تنظيمن ۾ اختلاف ۽ مسئلا فقط ”نظريي“ جي بنياد تي ئي پيدا ٿيندا آهن ڇا؟ نظرياتي اختلاف ۽ مسئلا ئي فقط بنيادي ۽ اصولي اختلاف ۽ مسئلا هوندا آهن ڇا؟ ۽ پارٽين ۾ اختلاف راءِ، ڇڪتاڻ، بحران ۽ ڏڙي بند جو سبب فقط نظرياتي اختلاف ئي هوندا آهن ڇا؟ دنيا ۾ جيڪي بہ پارٽيون ۽ تنظيمون ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار ٿيون آهن، اهي فقط نظرياتي اختلافن جي ڪري ٿيون آهن ڇا؟ ڇا ”تنظيم“ ”پاليسي“ ”حڪمت عملي“ ”طريقہ ڪار“ ۽ ”رويي“ جا مسئلا ۽ اختلاف وڏا ۽ بنيادي نہ هوندا آهن؟ دراصل پليجو ۽ سندس حمايتي پاڻ کي بچائڻ لاءِ ”نظريي“ ۽ ”پارٽي“ جي آڙ وٺن ٿا. نظريي ۽ پارٽي جي نالي ۾ هو پنهنجون بيون غلطيون، اوڻايون، خرابيون، من مستيون، ڏُرم ۽ گناهہ ڪائي وڃڻ چاهن ٿا. پليجو صاحب تنظيم مٿان پنهنجي آمريت مڙهڻ، پارٽي ادرن کي تباهہ ڪرڻ، تنظيم جي

اصولن ۽ روايتن کي ختم ڪرڻ، تنظيم اندر ٽوليبازي ڪرڻ، اقربا پروري کي جنم ڏيڻ، پنهنجا چمچا ۽ جي حضوري ماڻهو پيدا ڪرڻ، پنهنجي مرضي جون پاليسيون اختيار ڪرڻ، شخصي فيصلا ڪرڻ، موقعي پرستي ۽ سوديبازي واري واٽ وٺڻ، تنظيم جي انقلابي روح کي مجروح ڪرڻ، ڪوڙ، مڪر، فريب ۽ ڊرامي بازي کان ڪم وٺڻ، پارٽي اندر پنهنجي شخصيت پرستي کي وڌائڻ، سينئر ساٿين سان نوڪرن کان به بدتر روش اختيار ڪرڻ ۽ سندن عزت نفس تي حملا ڪرڻ، تنظيم اندر بدڪاري ڦهلائڻ، افراتفري، بداعتمادي، انتشار ۽ انارڪي کي جنم ڏيڻ، ڪنهن به ڪم ۽ مقصد کي توڙ تائين پورو نه ڪرڻ، ۽ ايڏهاڪ ازم جو رواج وجهڻ، سنڌ جي سياست ۾ محبت، ٻڌي، ڀائيچاري ۽ اتحاد جي بهترين ريتن کي وڌائڻ ويجهائڻ بجاءِ نفرت، بغض، ڪيني ۽ انا وارين ٻڇڙين رسمن کي جنم ڏيڻ جهڙن ڪمن ڪرڻ ڪانپوءِ به چوي ته ”ماٺ ڪري ويهو، اهي سطحي ۽ معمولي ڳالهيون آهن، ڪي وڏا نظرياتي اختلاف ناهن، اهي مسئلا پاڻهي ٺيڪ ٿي ويندا“ دراصل ان طرح پليجي صاحب ۽ سندس جي حضوري ٽولي انهن وڏن ۽ غيرمعمولي مسئلن جي اهميت ۽ شدت کان لنوائي انهن جي پردهه پوشي ڪرڻ ٿي چاهي. پر ان بحراني صورتحال ۾ انهن بنيادي اهميت جي مسئلن کي لڪائڻ پليجي ۽ سندس حمايتي ٽولي جي وس جي ڳالهه نه هئي. اهو ئي سبب هو جو اهي وڏي وڏي هڪ ڏينهن ڌماڪي جي صورت ۾ ظاهر ٿيا.

جيستائين تنظيمن، گروپن ۽ فردن جي وچ ۾ اختلافن جو تعلق آهي، ته اهي مختلف نوعيت ۽ اهميت جا ٿي سگهن ٿا. ڪي سطحي، ثانوي ۽ فروعي هوندا آهن. جن کي آسانيءَ سان حل ڪري سگهبو آهي يا درگذر ڪري ڇڏبو آهي. پر ڪي اختلاف اصولي ۽ بنيادي نوعيت جا هوندا آهن. جن کي جيڪڏهن حل نه ڪيو ويو، ته پوءِ ڪوبه گڏيل معاملو، چاهي اهو ڪا

تنظيم هجي، فردن جو گروپ هجي يا گهر، هلي نـ سگهندو ۽ ان جو نتيجو لازمي طرح انتشار، بحران ۽ ٽوڙ ڦوڙ ۾ نڪرندو. پليجي صاحب سان سينئر پارٽي ساٿين جا اختلاف ڪي سطحي، ننڍڙا، معمولي ۽ درگذر ڪرڻ جهڙا نـ، پر اصولي ۽ بنيادي نوعيت جا هئا. اهي مسئلا پارٽيءَ لاءِ زندگي ۽ موت جا مسئلا هئا. جن جي حل ٿيڻ يا نـ ٿيڻ تي تنظيم جي سڄي آئيندي ۽ مستقبل جو دارو مدار هو. اهي سياسي پاليسين، تنظيمي اصولن، ڪم جي طريقہ ڪار ۽ رويي جا اختلاف هئا.

پارٽي جا سينئر ساٿي پليجي تي الزام هڻن ٿا ۽ سندس خلاف هينئين "چارج شيٽ" (فرد جرم) جاري ڪن ٿا تہ هن پنهنجين برائين، غلطين، بداعمالن، هٺ ڌرمي، انا، آپيشاهي، آمريت ۽ ناقابل معافي ڏُرمن ۽ ڏوهن سبب نـ رڳو عوامي تحريڪ ڪي ٽوڙيو پر سنڌ جي قومي تحريڪ کي زبردست ۽ ناقابل تلافي نقصان پهچايو.

هيٺ پارٽي ڪارڪنن ۽ سموري عوام اڳيان رسول بخش پليجي جي خلاف تيار ڪيل "چارج شيٽ" پيش ڪجي ٿي:-

## (الف) پليجي پارٽي کي نظرياتي ۽ فڪري مونجهاري ۽ بحران جو شڪار بنايو.

١- ١٩٧٨ع کان پوءِ پليجي صاحب پارٽي جي نظرياتي ڪم ۾ ڪو خاص واڌارو نـ ڪيو. ١٩٨٨ع جي پارٽي ڪانگريس کان پوءِ هن مرڪزي ڪميٽي کي چيو "انتظامي ڪم اوهان سنڀاليو، مون کي موڪل ڏيو تہ جيئن آءُ پارٽي لاءِ نظرياتي، علمي ۽ فڪري ڪم ڪريان". ان وقت هڪ طرف عالمي سطح تي زبردست نظرياتي ۽

فڪري مونجهارا جنم وٺي رهيا هئا ۽ ٻي طرف ملڪ اندر گذريل ڏهن سالن ۾ آيل سياسي، معاشي ۽ سماجي تبديلين جو نئين سر وڏي غور ۽ فڪر سان مطالعو ۽ مشاهدو ڪرڻ ۽ ان جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي ضرورت هئي. اسان جي پارٽي پنهنجن سياسي ۽ قومي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اڳ جيڪا واٽ متعين ڪئي هئي. اڄ عالمي ۽ ملڪي سطح تي تيز رفتار تبديلين ۽ اهم ۽ بنيادي نظرياتي ۽ فڪري مسئلن جي اڀرڻ سبب پليجي صاحب تي سندس ڪنيل ڊيوٽي مطابق اهو قومي ۽ انقلابي فرض عائد ٿيو ٿي ته هو گهري مطالعي ۽ غور کان پوءِ پارٽي ڪارڪنن ۽ عوام جي رهنمائي ۽ فڪري مونجهاري کي دور ڪرڻ لاءِ نظرياتي ڪم ڪري ها. پر هو پارٽيءَ جي ان اهم ۽ بنيادي فرض کان لاتعلق رهيو. جڏهن سال گذرڻ کان پوءِ مونجهارا ۽ مسئلا اجان وڌيا، ته ڪيس ٻيهر سندس ڪنيل ذميواري جي ياد ڏهاني ڪرائي وئي. پر هن پنهنجي روايتي انداز ۾ اهو چئي سيني کي ماٺ ڪرائي ڇڏي ته ”توهان ماٺ ڪري ويهو، آءُ سڀ ڪجهه ٺيڪ ڪري ڇڏيندس

٢- گذريل چند سالن ۾ سوشلسٽ دنيا، خاص طور روس، چين ۽ اوڀر يورپ جي ملڪن ۾ آيل زبردست ڏرتي ڏوڏيندڙ تبديليون سڄي دنيا جي عوام لاءِ تمام وڏي ۽ تاريخي اهميت رکن ٿيون. انهن تبديلين سوشلسٽ نظريي، انقلاب، انقلابي پارٽي، سوشلسٽ رياست، طبقاتي جدوجهد، پرولتاري آمريت، جمهوري مرڪزيت، سوشلسٽ اقتصادي نظام ۽ قومي حق خوداختياري جهڙن بنيادي سوشلسٽ تصورن ۽ نظرين بابت اهم ۽ بنيادي نوعيت جا سوال پيدا ڪيا. جيئن ته اسان جي پارٽي جو بنياد انقلابي سائنسي سوشلسٽ نظريي تي ٻڌل هو. تنهن ڪري دنيا ۾ سوشلسٽ ملڪن ۾ آيل انقلابن ۽ تبديلين بابت سوچ ويچار ڪرڻ ۽ انهن مان اٿيل سوالن ۽ مسئلن تي غور فڪر ۽ کوجنا ڪري پارٽي ساٿين ۽ عوام جي رهنمائي لاءِ ڪا واٽ لاهڻ نهايت ضروري ۽

بنيادي ڪم هو.

جڏهن پارٽي جي سينئر ساٿين پليجي صاحب کان ان مونجهاري جو حل ڳولڻ ۾ ڪا واٽ ڏسڻ جي گهر ڪئي ته هن جواب ڏنو "اچا ڪنهن ٻي ملڪ ۾ پارٽي ان مسئلي بابت ڪوبہ دستاويز نہ لاٿو آهي، اچا صورتحال واضح ناهي، اچان ڪوبہ آخري فيصلو نہ ٿيو آهي، تہ پوءِ اسين ڪيئن ٿا ڪو دستاويز لاهي سگهون"! پليجي صاحب جو اهو جواب پارٽي ساٿين لاءِ ڪنهن بہ طرح مطمئن ڪندڙ نہ هو. جيستائين ڪا پارٽي، ڪو دستاويز نہ لاهي ۽ جيستائين ڪو آخري فيصلو نہ ٿي، چاهي پوءِ ان ۾ پنج سال يا ان کان بہ وڌيڪ عرصو ڇو نہ لڳي وڃي، تيستائين اسان جي پارٽي ڪهڙو رخ اختيار ڪري، پارٽي جا ڪارڪن ڇا ڪن، ڪهڙي واٽ وٺن؟ جيڪي سوال سندن ذهنن ۾ جنم وٺي رهيا آهن، انهن جو جواب ڪير ڏي؟ نظرياتي، ذهني ۽ فڪري مونجهارو ڪيئن دور ٿئي؟ ان سڄي معاملي ۾ پارٽي ۾ ساٿين جي رهنمائي ڪرڻ بجاءِ پليجي صاحب کين اونده ۾ اڪيلائي ڇڏڻ کي ترجيح ڏني. ان سلسلي ۾ پليجي صاحب جو اهو مؤقف بہ غلط هو تہ جيستائين ڪو فيصلو نہ ٿيو آهي. تيستائين پارٽي جي ڪابہ رهنمائي نہ ڪئي وڃي. ان وقت صورتحال جيئن هئي، ان ۾ جيڪي اڻ پوريون، اڻ فيصل ٿيل ۽ غير حتمي ڳالهيون سمجهہ ۾ اچڻ جهڙيون هيون ۽ انهن مان جيڪي بہ امڪاني ۽ عارضي نتيجا نڪري سگهيا ٿي. انهن جي بنياد تي عبوري واٽ متعين ڪري، دستاويز تيار ڪري پارٽي ۾ لاهي سگهيو پئي ويو. سندس اهو چوڻ بہ صحيح نہ هو تہ دنيا جي ڪنهن ملڪ ۾ ڪنهن پارٽي ان بابت ڪو ڊاڪومينٽ نہ لاٿو آهي. ان سلسلي جو سڀ کان اهم ۽ وڏي ۾ وڏو ڊاڪومينٽ تہ گوربا چوف جو ڪتاب "پريسترائيڪا" آهي، جنهن جو هن ڪڏهن پلجي ذڪ بہ ر نہ ڪيو. ٻي طرف روس، چين سميت دنيا جي سمورين پارٽين اندر ان صورتحال بابت زبردست

نظرياتي ڇڪتاڻ ۽ بحث مباحثا هلي رهيا آهن. ڪانفرنسون ۽ ڪانگريسون ٿيون آهن. مقالا ۽ مضمون لکيا ويا آهن ۽ لکيا پيا وڃن. روسي ڪميونسٽ پارٽي، ڪيوبا جي پارٽي، چيني ڪميونسٽ پارٽي ۽ هندستان جي ڪميونسٽ پارٽي مارڪسٽ پاران دستاويز ۽ مقالا لاٿا ويا آهن. دراصل پليجي صاحب کي ان ڳالهه جو خوف هو تہ جيڪڏهن ان بحث کي پارٽي اندر ڇيڙيو ويو تہ پوءِ پارٽي جي پراڻي ڍانچي، حڪمت عملي، طريقہ ڪار ۽ قيادت ۾ تبديلي لازمي ايندي ۽ ان جو پهريون ۽ مک نشانو خود هو پاڻ هوندو. تنهن ڪري هن پاڻ کي بچائڻ لاءِ ان بحث مباحثي جا دروازا بند ڪري ڇڏيا.

٣- ١٥ سالن کان اسان جي پارٽي ان نظرياتي ۽ قومي واٽ تي هلي رهي هئي تہ "قومي ۽ طبقاتي" جدوجهد وسيلي ملڪي سطح تي "قومي عوامي جمهوري انقلاب" جي ڏاڪي تي پهچي، پوءِ اتان "سوشلسٽ انقلاب" جي دور ۾ داخل ٿينداسين. ان عرصي دوران پليجي صاحب پارٽي ساٿين کي ڪڏهن بہ اها ڳالهہ نہ سمجهائي تہ اسان جي نوس معاشي، سماجي ۽ سياسي حالتن ۾ "قومي عوامي جمهوري انقلاب" ڪيئن ايندو؟ ان جي شڪل ڪهڙي هوندي؟ ان جا مرحلا ڪهڙا هوندا؟ ان لاءِ ڪهڙي حڪمت عملي، پاليسيون ۽ طريقا اختيار ڪرڻا پوندا؟ گذريل پندرهن سالن دوران ملڪي ۽ عالمي سطح تي جيڪي تبديليون آيون آهن. انهن ۾ پاڪستان جي سياسي، سماجي ۽ معاشي صورتحال ۾ ڪئين نوان سوال اڀريا آهن. مثلاً مستقبل ۾ پاڪستان ۾ سياسي ۽ سماجي انقلاب ڪهڙي فڪر جي روشني ۾، ڪهڙي طريقي سان ۽ ڪهڙي واٽ تي ايندو؟ اڄوڪين حالتن ۾ قومي عوامي جمهوري انقلاب جي واٽ ڪيئن قابل عمل آهي؟ يا اها پنهنجي اهميت وڃائي ويٺي آهي؟ ان ۾ ڪهڙين تبدلين ۽ واڌارن جي ضرورت آهي. پاڪستان جي رياست ۾ سمورين قوميتن جي

گڏيل چوٽڪاري ۽ انقلاب جا امڪان ڪيترا آهن؟ يا هر مظلوم ۽ ننڍي قوميت کي پنهنجن ٽوس سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن ۾ گهرجن پٽاندڙ قومي خود مختياري (يا قومي آزادي) حاصل ڪندي انقلاب جي ضرورت آهي؟ اسان جي حالتن ۾، ايندڙ انقلابن ۾ مختلف سماجي طبقن جو رول ڇا هوندو؟ گذريل ويهن سالن ۾ ملڪ جي زرعي نظام ۾ ۽ هارين جي طبقاتي ۽ سماجي بيهڪ ۽ جوڙجڪ ۾ ڪهڙيون بنيادي تبديليون آيون آهن؟ اسان وٽ ڪهڙو "سماجي-اقتصادي سرشتو" Socio-Economic System حاوي آهي؟ اسان وٽ ايندڙ سياسي ۽ سماجي تبديلين ۾ "طبقاتي جدوجهد" جو رول ڇا هوندو؟ سنڌي قوم جي قومي چوٽڪاري جي واٽ ڪهڙي هوندي؟ وغيره اهڙن بنيادي اهميت جي سوالن بابت، جيڪي اڄ جي حالتن ۾ اسان جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي ذهنن ۾ هر وقت گردش ڪندا رهن ٿا، پليجي صاحب ڪوبه ڪم نه ڪيو.

۴- "سنڌي عوامي جي قومي اتحاد" جي خاتمي، ان کان پوءِ "سنڌ قومي اتحاد" مان نڪري اچڻ ۽ ۱۹۸۸ع جي چونڊن ۾ بُري شڪست کائڻ کانپوءِ پليجو صاحب سنڌي قوم جي سياسي ۽ قومي جدوجهد کان سخت مايوسي جو شڪار ٿي ويو. سنڌس صلاحيتون جواب ڏيئي ويون. هو پارٽي ۽ قوم جي رهنمائي جي پوزيشن ۾ ئي نه رهيو. هن "انقلاب ۽ عوامي جدوجهد" جي واٽ کي خداحافظ چئي موقعي پرستي، سمجهو ته بازي مفاد پرستي ۽ وڏيرڪي سياست جي واٽ ورتي. هن پارٽي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي فقط هوائي نعرن، سبزباغن، ۽ ڪوڙن ڏٺن جي آسرن تي هلائڻ شروع ڪيو. انقلاب، قومي چوٽڪاري، سنڌي عوام ۽ سنڌن قوت مان هن جو ويساهه کڄي ويو.

"اليڪشن ۸۸" هارائڻ کانپوءِ پليجي صاحب ۲ اپريل ۱۹۹۰ع تي ٺٽي ۾ هڪ افطار پارٽي ۾ تقرير ڪندي اعلان ڪيو ته "سنڌي قوم بزدل ٿي چڪي آهي، سنڌي ماڻهو بنيادي طرح پنهنجي

وجود جي جنگ هارائي چڪا آهن. هاڻي سنڌين کي ڪو اتفاقي حادثو ئي بچائي سگهي ٿو" ان افطار پارٽي ۾ ڪنٽي جا پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو، اديب، وڪيل، ڊاڪٽر، شاگرد، صحافي ۽ قومي ڪارڪن جهجهي تعداد ۾ موجود هئا. پليجي صاحب جو اهو نئون انڪشاف ٻڌي سڀ ماڻهو حيران ٿي ويا. بقول ڪجهه دوستن جي، ته سندن مٿان ڄڻ بجلي ڪري پئي. سڄي سنڌ ۾ پليجي صاحب جي ان بيان کان پوءِ ڪارڪنن ۾ افراتفري، مايوسي ۽ بددلي جي فضا پيدا ٿي. چند ئي ڏينهن کانپوءِ جنگشاهي ۾ پارٽي ساٿين جي هڪ نمائنده ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ سڄي ڪانفرنس پاران پليجي صاحب جي ان بيان ۽ موقف تي سخت تنقيد ڪئي وئي. پر پليجي تي ان جو ڪو به اثر نه ٿيو. هن جي لاءِ ڄڻ ته ڪجهه ٿيوئي ڪونه هو. سندس منهن تي پشيماني جو ڪو به اظهار نه هو. هو پنهنجي غلطي قبول ڪرڻ ۽ پنهنجي غلط موقف تان دستبردار ٿيڻ بجاءِ ان موقف تي ڳنڍ ڏئي ويهي رهيو ۽ چيائين "منهنجو موقف صحيح آهي. آءُ ڊاڪٽر آهيان مون کي خبر آهي ته مريض لا علاج آهي ۽ اهو ڪڏهن مرندو"! سندس ڳالهين ۽ دليل بازي جو انداز اهڙو هو، ڄڻ هاڻي بس سنڌي قوم اجهو مري ختم ٿيڻ واري آهي ۽ مٿس رڳو قُل پڙهڻ جي دير آهي! پليجي صاحب جي ان انداز، طريقي ۽ رويي سڄي پارٽيءَ ۾ هڪ زبردست مونجهاري، مايوسيءَ ۽ بحران جي ڪيفيت پيدا ڪئي. ساڳين ئي ڏينهن ۾ پليجي صاحب جي رويي، هلت ۽ ڇهري مان ائين معلوم ٿيو ته ڄڻ ڪيس سنڌي قوم کان سخت چڙ ۽ نفرت پيدا ٿي هجي. هن عام ڪچهرين ۽ گڏجاڻين ۾ وڏي شد مد سان سنڌي ماڻهن کي ڇت، جاهل، احمق، بيوقوف، جانور وغيره جهڙن لقبن سان نوازڻ شروع ڪيو. سنڌي قوم کي ان طرح گهٽ وڌ ڳالهائڻ مان ظاهر هو ته پليجو ذهني طرح ٿڪي، مفلوج ٿي، شڪست کائي چڪو هو.

٥-ڪجهه ڏينهن گذرڻ کان پوءِ پليجي صاحب ڪنٽي ۾ ڪيل

تقرير بابت پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ ۽ پنهنجو دفاع ڪرڻ لاءِ اخبار عوامي آواز ۾ ”هاڻ سنڌين جو ڇا ٿيندو؟“ نالي سان مضمونن جو سلسلو شروع ڪيو. جنهن جون سمورين قسطون پوءِ رسالي ”تحريڪ“ ۾ گڏائي ڇپايون ويون. ان مضمون ۾ پليجي صاحب سنڌي قوم تي هڪ بيو زخم لڳايو. هن لکيو ”سنڌ جي ويڙهو قوت جو ٩٩ سيڪڙو به انهن مهربانن ۽ قدردانن جي حوالي آهي. سمورين اخباري ۽ ڪتابي تحريرن ۽ جلسن جلوسن ۾ ڪيل سمورين تقريرن جي باوجود سنڌ جو ٩٩ سيڪڙو ماڻهو سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ڀوتارن جا ماڻهو ٿيا ويٺا آهن. ڀوتار چوندو ته سڀئي پاءُ ڪي به ڪهي رکبو ۽جي حڪم ڪندو ته **ماءُ جي يار کي به سلام ڪبو.** جيئن ڀوتار چوي تئين ڪبو“ (رسالو تحريڪ اپريل مئي، ١٩٩٠ع ص ٨) پليجو صاحب اڳ ۾ سنڌي قوم کي سمورن امڪاني خراب ۽ گندن لقبن سان نوازي چڪو هو. باقي هڪ گار رهيل هئي سا به هن ڪين ڏئي ڇڏي! باقي پنيان رهيو ڇا! هن سنڌي قوم جي باري ۾ اهو قوم دشمن فاسفو پيش ڪري ڪنهن جو ڪم تي ڪيو؟ ٩٩ سيڪڙو مظلوم سنڌي عوام جو يا سنڌين جي ازلي ويرين جو؟ ڪو سچو انقلابي، عوام دوست ۽ وطن دوست اڳواڻ پنهنجي قوم کان ايڏو مايوس ٿي، ان کي اهڙيون گاريون ڏئي سگهي ٿو؟ دراصل پليجي صاحب ڄاڻي واڻي سنڌي ماڻهن بابت پنهنجي ان خود ساخته سوچ کي وڏايو ۽ ڦهلايو ٿي، ته جيئن سنڌي قوم جي جدوجهد ۽ ڇوٽڪاري تان ماڻهن جو ايمان کڄي وڃي. هن ١٩٩٠ع جي اليڪشن مهم ۾ ٺٽي ۾ تقريرن ۾ چيو ته ”سنڌي ماڻهن جي دماغن ۾ چرس ڀريل آهي“!

# (ب) پليجي موقع پرستي ۽ مفادپرستي واري لائين ۽ پاليسيون اختيار ڪري پارٽي کي نقصان رسايو.

٦-١٩٨٨ع کان ٩٠ع تائين پليجي صاحب جي سياسي پاليسين ۾ ڪوبہ توازن نہ رهيو. سندس اختيار ڪيل هاڃيڪار لائين سبب پارٽي جي وقار کي زبردست ڌڪ رسيو. هڪ طرف هن سنڌي وطن دوست قومپرست ڌرين سان لاڳاپا خراب ڪري ڇڏيا ۽ انهن ڏانهن سخت گيرپاليسي اختيار ڪري، سنڌي ماڻهن جي اتحاد کي زبردست ڇيهو رسايو، تہ ٻي طرف حڪمران طبقي ڏانهن ٿڌي ۽ نرم پاليسي اختيار ڪئي ۽ انهن وٽ پنهنجي اهميت ۽ اڳهہ وڌائڻ لاءِ سندن اڳيان جهڪي پيو. هن پارٽي جي سياسي پاليسين جي باري ۾ پارٽي ادارن سان صلاح مشوري ۽ سندن اجازت کان سواءِ جيئن ڪيس سمجهہ ۾ آيو ٿي، تيئن شخصي فيصلا ڪيا ٿي.

پليجي صاحب جي پيپلز پارٽي ڏانهن پاليسي ۾ بہ شروع کان وٺي توازن نہ رهيو آهي. پ پ پنهنجين موتمار غلطين سبب جڏهن بہ ڪنهن سنگين بحران ۾ ڦاسندي آهي تہ پليجو صاحب پ پ جي قيادت وٽ پاڻ وڻائڻ لاءِ، پنهنجي سموري لڏ سميت ان جي مدد لاءِ پهچي ويندو آهي. آخر ۾ وري پ پ ڪيس استعمال ڪري اڇلي ڇڏيندي آهي. هن پ پ جي شروعاتي ڏينهن ۾ ڀٽي صاحب جي تعريف جا ڍڪ ڀريا ۽ سندس پارٽي ۾ شامل ٿيڻ کانسواءِ سندس صلاحڪار ٿيڻ چاهيو ٿي، پر ڀٽي صاحب کيس گهٽي اهميت نہ ڏني.

١٩٨٨ع جي چونڊن ۾ پ پ کان سيٽ ملڻ جي آسري تي پليجي صاحب سنڌ قومي اتحاد کي ڇڏي ڏنو. پر جڏهن بينظير ڀٽو صاحبہ کيس سيٽ نہ ڏني تہ هن بظاهر پ پ تي وڏا

چوهه چنديا ۽ پ پ خلاف "جهاد" جو اعلان ڪيو، پر پ پ ڪي اقتدار ملڻ ڪانپوءِ آهستي آهستي پ پ سرڪار سان لائين ناهڻ شروع ڪيائين. نيٺ هڪ ڏينهن بينظير ڀٽو صاحبه وٽ وڃي سلامي ٿيو ۽ وٽس سرخرو ٿيڻ ۽ ڪاٿس مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ نهن چوٽيءَ جا زور لڳائڻ لڳو. اسلام آباد ۾ سندس اڪثر وقت سابق وزيراعظم بينظير ڀٽو صاحب سان ملاقات لاءِ ٽائيم وٺڻ ۽ سندس وزيرن جي اڳيان پويان ٿيڻ ۾ گذريو ٿي. هڪ دفعي پليجي صاحب اسلام آباد ۾ پارٽي جي ڪجهه سينئر ساٿين جي موجودگيءَ ۾ ملڪ قاسم کي بينظير ڀٽو کان ملاقات جو وقت وٺي ڏيڻ لاءِ منٿون ڪندي چيو "اسان ته اوهان جا بهترين ايجنٽ آهيون. پر بينظير کي اسان کي استعمال ڪرڻ نٿو اچي"! نيٺ پليجي صاحب جي انهن ڪوشش هٽي هنڌ ڪيو ۽ بينظير صاحبه سان سندس ٻه ٽي ملاقاتون ٿيون. پوءِ هن هڪ ڏينهن اوچتو انڪشاف ڪيو ته "بينظير ڪيس غير اعلانيه مشير بنايو آهي". ان ڳالهه تي هو خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيو. ان وقت چيائين ته "اڳ ٽائيم پئي وڃايوسون، هاڻي وڏا فائدا ٿيندا"! عوامي نيشنل پارٽي ڇڏڻ ڪانپوءِ زرداري صاحب ۽ پليجي صاحب جي وچ ۾ لاڳاپا ڪجهه وقت خراب رهيا. پر پ پ سرڪار ۾ زرداري صاحب کي اهم عهدو ملڻ ڪانپوءِ پليجي صاحب زرداري کي ريجهائڻ لاءِ جتن ڪرڻ شروع ڪيا. نيٺ زرداري سان تعلقات بهتر ٿيڻ ڪانپوءِ پليجي صاحب پارٽي جي هڪ اهم نوجوان ساٿي کي زرداري جي حوالي ڪري ڇڏيو، جنهن کي زرداري پنهنجو پي-آر-او ڪري رکيو. جڏهن بينظير ڀٽو جي خلاف عدم اعتماد جي تحريڪ اٿاري پئي وئي ته پليجي بيان ڏنو ته "جيڪو عدم اعتماد جي تحريڪ ۾ بينظير جي خلاف ووٽ ڪندو، اهو ون يونٽ ٺهرائڻ وارن کان به وڌيڪ غدار ليکبو". هن چيو ته "بينظير جي مدد ڪرڻ لاءِ آءُ جي ايم سيد ۽ ممتاز ڀٽي کي به منٿ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان"!

پليجي صاحب پيپلز پارٽي ۽ بينظير صاحبہ لاءِ اهي سڀ ڪم ڪانئس مالي فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيا. ڪيس پ پ کان ميمبري يا سينيٽري ملڻ جو بہ آسرو هو. پر اهو سڀ ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ پليجو صاحب پنهنجي عزت ۽ وقار بہ وڃائي ويٺو ۽ پارٽي جي سچائپ ۽ ساک بہ.

٧-پليجو صاحب هڪ طرف پ پ سان دوستي جو ڍونگ رچايون ويٺو هو، تہ ٻي طرف سي-او-پي ۽ نوازشريف ٽولي وٽ پنهنجو اڳهہ وڌائڻ لاءِ انهن سان لاٽين ٺاهڻ ۾ لڳو پيو هو. هن جون ٩٠ع ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب جي گهر وڃي ساڻس ملاقات ڪئي ۽ پنهنجي پٽ لاءِ آمريڪا جي ويزا وٺي ڏيڻ لاءِ کيس عرض ڪيو. هن ڪراچي ۾ جنرل اسلم بيگ جي ڌيءَ جي شادي جي وليمي ۾ شرڪت وقت نوازشريف سان ملاقات لاءِ ڪوشش ڪئي، پر کيس ان ۾ ڪاميابي نصيب نہ ٿي. جولاءِ ٩٠ع جي آخر ڏاري جڏهن سي-او-پي جو وفد حيدرآباد آيو تہ هن سابق وزيراعليٰ سنڌ آفتاب شعبان ميراڻي جي حڪم تي ريسٽ هائوس ۾ وڃي پنج ڪلاڪ نوازشريف جو انتظار ڪيو. پر نوازشريف اتي نہ آيو. پليجي پيرپاڳاري سان پڻ ملڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو ساڻس نہ مليو.

ان عرصي دوران پليجي صاحب کان ٻيا سڀ ڪم وسري ويا، سندس اهم مقصد اقتدار جي ايوانن تائين رسائي حاصل ڪري، حڪمران ٽولن جي خوشامد ۽ چاپلوسي ڪري، شخصي ۽ مالي مفاد حاصل ڪرڻ وڃي رهيو. سندس ڪردار هڪ قوم پرست، ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻ بدران حڪمرانن جي ٽپالي وارو وڃي رهيو.

٨- پليجي صاحب نہ رڳو پيپلز پارٽي ۽ نوازشريف ٽولي ڏانهن سوديبازي ۽ موقع پرستي واري لائين اختيار ڪئي. پر ڪن قوتن جي هدايتن تي سنڌي ماڻهن جي قاتل دهشت گردن سان

ٺاھہ جي راھہ ھموار ڪرڻ شروع ڪئي. ان سلسلي جي پھرين ڪڙي مارچ ١٩٩٠ع ۾ لاھور ۾ ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ الطاف سان سندس ملاقات ھئي. ھن اھو چئي ان ملاقات جي صفائي پيش ڪئي تہ اھا لاھور ائيرپورٽ جي وي آءِ پي لائونج ۾ اتفاقي ملاقات ھئي. دراصل اھا ملاقات اتفاقي نہ، پر اڳواٽ طئي ٿيل پروگرام مطابق ٿي ھئي. جنھن ۾ پليجي ۽ الطاف جي وچ ۾ راز نياز جون ڳالھيون ٿيون. الطاف ڪيس عزيز آباد اچڻ جي دعوت ڏني ۽ ھن الطاف کي جنگشاھي اچڻ جي دعوت ڏني. ويجھڙ واري عرصي ۾ پليجي صاحب باقائدي ايم ڪيو ايم سان ڳالھيون ۽ ٺاھہ ڪرڻ جو نظريو پيش ڪيو. ٢٠ جولاءِ ٩٠ع تي ٺٽون ڪوٽ ۾ شھيد عبدالرحمان لاشاري جي چاليھي تي تقرير ڪندي ھن چيو "جيڪي ماڻھون چون ٿا تہ مھاجرن سان ڳالھيون نہ ڪبيون اھي غدار آھن، جيڪڏھن ڳالھيون ڪرڻيون پيون تہ عزيز آباد ۾ بہ وڃي ڪنداسون". ٢٣ جولاءِ تي حيدرآباد ۾ پريس ڪانفرنس ۾ صحافين پاران پڇيل ھڪ سوال جي جواب ۾ ھن چيو "مھاجرن سان مذاڪرات ڪري سگھجن ٿا"! ان ماڻھوءَ جي قول ۽ فعل تي ڪنھن کي اعتبار رھندو، جنھن اڳ انھن کي غدار ٿي چيو، جن ايم ڪيو ايم سان مذاڪرات ٿي ڪيا (ايس اين اي وارا) ۽ ھاڻي انھن کي غدار چئي رھيو آھي جيڪي ايم ڪيو ايم سان مذاڪرات نٿا ڪن! دراصل ڪيس "مٿان" جڏھن، جھڙي لائين اختيار ڪرڻ لاءِ چيو ويو ٿو. ھو تيئن ڪري ٿو.

٩- پليجي صاحب گذريل ويجھڙائي واري عرصي ۾ فوجي جنرلن سان غيرمعمولي حد تائين تعلقات وڌائي ڇڏيا. ڪراچي جي ڪورڪمانڊر ۽ حيدرآباد جي جي-او-سي سان سندس اڪثر ملاقاتون ڪنھن کان بہ ڳجھيون نہ رھيون! نہ رڳو ايترو پر ھو فوجي جنرلن کي پنھنجو دوست، يار، ۽ سنڌين جو گھڻ گھرو ثابت ڪرڻ لڳو. سندس جي حضوري ٽولو سندس جنرلن سان دوستي تي فخر ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ "اھا سنڌي قوم جي

خوش قسمتي آهي جو پليجي صاحب فوج سان تعلقات وڌايا آهن"!
پليجو جنرلن جي "پسنديده شخصيت" بڻجي ويو. اهو ڏينهن خالي
نہ هو جڏهن روبرو يا ٽيليفون ذريعي سندس جنرلن سان رابطو
نہ ٿيندو هجي. پليجي صاحب جي باري ۾، سندس فوج سان
ڳجهن ناتن بابت، اڳ جيڪي ڪجهہ چيو تي ويو. هاڻ ڪافي
ماڻهن کي ان ۾ حقيقت نظر اچڻ لڳي. هر ڪو پنهنجين اکين
سان اهو ڏسي رهيو هو. ماڻهن لاءِ اها ڳالهہ پڻ اچرج جوڳي آهي تہ
پليجي صاحب کي ڪوٽ لکپت جيل مان ميو اسپتال لاهور شفٽ
ڪرڻ ڪانپوءِ اتي ڪيس وي-آءِ-پي سهوليتون ڏنيون ويون. جتي
پنجاب جي گورنر جنرل جيلاني (جيڪو اڳ آءِ-ايس-آءِ جو
ڊائريڪٽر جنرل پڻ رهي چڪو هو) ساڻس ملاقات ڪئي. هو
اڪثر ڪيس تحفا ۽ گلدستا موڪليندو هو. ١٩٨٨ع ۾ سابق
وزيراعظم جوڻيجي پاران اسلام آباد ۾ افغان مسئلي تي ڪوٺايل
ڪانفرنس ۾ پليجي مطالبو ڪيو تہ ڪانفرنس ۾ فوجي جنرلن
کي گهرائي افغان مسئلي بابت سندن موقف ٻڌو وڃي. جنهن تي
ڪيس سياسي اڳواڻن زبردست تنقيد جو نشانو بنايو. پليجي
صاحب جيل مان نڪرڻ ڪانپوءِ ڪڏهن بہ فوج جي خلاف بيان نہ
ڏنو. بلڪ فوج لاءِ ماڻهن جي دل ۾ نرم گوشو پيدا ڪرڻ جي
ڪوشش ڪيائين!. انهن سمورن ڪڙين کي ملائڻ ڪانپوءِ ماڻهو
سندس ڪردار کي وڏي شڪ جي نگاهہ سان ڏسن ٿا.

## (ب) پليجي پارٽيءَ ادارن کي تباهي جي منزل تي رسايو.

١٠- پليجي صاحب اسان جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ عوام جي
ڪئين سالن جي جدوجهد ۽ پگهر جي پورهيي سان جڙيل اسان
جي انقلابي پارٽي جي تقدس کي پائمال ڪيو. هن پارٽي، ان جي

چونڊيل اعليٰ ادارن ۾ سينئر ساٿين جو مذاق اڏايو. هن چيو "پارٽي نالي ڪابہ شيءِ موجود ناهي، پارٽي فقط رسول بخش پليجي جو نالو آهي" هن چيو .سڀ تنظيم Use Less (يعني بيڪار) آهي، ادارا بوگس ۽ ڊميون آهن، ادارن ۾ ويٺل سينئر ساٿي ڇٽ، جاهل، احمق ۽ گند جو ڍير آهن، انهن ۾ منهنجي ليول جو ڪوبہ ڪونهي. ان جي گڏجاڻين مان ڪوبہ نتيجو نہ نڪرندو". هو ادارن جون گڏجاڻيون گهرائڻ، انهن ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ گڏيل فيصلا ڪرڻ کي فضول شيون سمجهڻ لڳو. ڪڏهن ڪڏهن، جيڪڏهن وڏيڪ زور پوڻ ڪان پوءِ، مجبوراً ادارن جي گڏجاڻين ۾ ايندو هو تہ آرام سان ليٽي پوندو هو. يا پنهنجي مطلب ۽ دلچسپي جون بہ چار ڳالهيون ڪري، پوءِ چوندو هو "منهنجي طبيعت ٺيڪ ناهي آءُ هلان ٿو" ۽ اڌ گڏجاڻي مان هليو ويندو هو. هو پارٽي جي اعليٰ ادارن جو سربراهہ هو. سندس ان عدم دلچسپي ۽ غيرحاضري سبب ادارا مفلوج ٿي ويا. ڇو تہ پليجي ۽ سندس جي حضوري ٽولي اهو پڻ رواج وجهي ڇڏيو هو تہ جنهن ميٽنگ ۾ پليجو نہ هجي ان جي ڪا حيثيت ۽ اهميت نہ هوندي. فيصلي ڪرڻ جا سڀ اختيار پليجي وٽ مخصوص ٿيل هئا. ٻين سينئر ساٿين وٽ ڪو بہ اختيار نہ هو.

٦١- پليجي صاحب پارٽي جي برادر محاذن ۾ بي جا مداخلت ڪري انهن کي پڻ نقصان پهچايو. سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي ڪميٽي ۾ پليجي پاڻ کي ۽ پنهنجي چند من پسند ماڻهن کي ميمبر ڪري رکيو، پر سڄو سال نہ هن ۽ نہ سندس من پسند ماڻهن هاري تحريڪ جي مرڪزي ڪميٽي جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪئي ۽ نہ ئي هاري تحريڪ جي ڪا مدد ۽ رهنمائي ڪئي. سنڌياڻي تحريڪ ۽ سنڌي گرلس اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن (SGSO) کي هن فقط پنهنجي ذات جي چوگرد گهمايو، انهن ۾ ٽوليبازي ڪري انهن کي تباهہ ڪيو. سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ تي ڪوڙي الزام تراشي

ڪري هن کي تنظيم مان ڪڍڻ جي سازش ڪئي. هن ايس ايس تي ۾ ٽوليبازي ڪئي ۽ پنهنجي من پسند ۽ جي حضوري لابي پئدا ڪري ۽ پنهنجا من پسند عهديدار ٿاڦي ايس ايس تي کي زبردست انتشار ۽ ٽوڙڦوڙ جو شڪار بنايو. پارٽي جي برادر محاذن جي وچ ۾ رابطو پئدا ڪرڻ ۽ انهن جا گڏيل مسئلا حل ڪرڻ لاءِ هڪ "مرڪزي رابطا ڪميٽي" ٺهيل هئي. پليجي صاحب شروع کان پاڻ کي ان ڪميٽي جو "صدر" بنائي رکيو هو. مسئلن کي تيزي سان اڪلائڻ لاءِ ان ڪميٽي جا اجلاس مهيني مهيني لازمي ٿيڻا هئا. پر سڄي سال ۾ پليجي صاحب ان ڪميٽي جي هڪ اجلاس ۾ ٻه ورلي شرڪت ڪئي. جڏهن تنظيم اندر مسئلا وڌي ويا تہ انهن تي غور ويچار ڪرڻ لاءِ ۲۲ جون ۱۹۹۰ع تي ان ڪميٽي جي گڏجاڻي رکي وئي. پر پليجي صاحب پنهنجي مرضي سان ان گڏجاڻي کي ملتوي ڪري ڇڏيو.

۱۲- سنڌ قومي اتحاد مان نڪري اچڻ ڪانپوءِ پنهنجي سياسي ساک کي بحال ڪرڻ ۽ بچائڻ لاءِ پليجي صاحب پنهنجين ئي تنظيمن کي ملائي "سنڌي اتحاد" جوڙيو. هن پاڻ کي اتحاد جو "قائد" "سرواڻ" ۽ "باني" چوائڻ شروع ڪيو. هن ٻين تنظيمن جيان سنڌي اتحاد کي ٻہ پاڻ وٽ يرغمال بنائي رکيو. هن سنڌي اتحاد جي مرڪزي صدر اسماعيل راهو ۽ جنرل سيڪريٽري حسين بخش ناريجي سان اهم معاملن تي صلاح مشورو ڪرڻ کي فضول ٿي سمجهيو. هن چاٽي ٻجهي کين نظر انداز ڪندي، کين اهو محسوس ڪرايو تہ پليجي اڳيان سنڌن ڪا حيثيت ڪانهي. هن سنڌي اتحاد جي مرڪزي ميمبرن ۽ عهديدارن سان غلط ۽ افسوس جوڳو رويو اختيار ڪري، اتحاد جي سرگرمين مان سنڌن دلچسپي ختم ڪري ڇڏي ۽ اتحاد کي عملاً ناڪاره بنائي ڇڏيو. کيس بار بار سنڌي اتحاد جي مرڪزي ڪميٽي ۽ مرڪزي ڪائونسل جو اجلاس ڪوٺائڻ ۽ ان ۾ اتحاد جا مسئلا ۽ جدوجهد جي لائين طئي ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو ويو. ڪافي

ڪوشش ڪان پوءِ اتحاد جا بہ اجلاس طئي ڪيا ويا. پر هر دفعي هن اهي اجلاس ملتوي ڪري ڇڏيا. تہ جئين اتحاد جي ميمبرن ۽ عهديدارن جي سوالن ۽ تنقيد کان بچي وڃي. هو اتحاد سان لاڳاپيل سياسي معاملا پنهنجي هٿ ۾ رکندو هو، ان سلسلي ۾ مرڪزي ميمبرن ۽ عهديدارن کي ڪابہ اهميت نہ ڏيندو هو. جڏهن ۷ جون ۹۰ع تي سابق وزيراعلي سنڌ ميراڻي پاران ڪراچي ۾ امن ڪانفرنس سڏائي وئي تہ ان ۾ سنڌي اتحاد کي بہ دعوت ڏني وئي. پر ان ۾ پليجو اتحاد جي مرڪزي عهديدارن کي ساڻ وٺي وڃڻ بجاءِ پنهنجن من پسند ماڻهن کي وٺي ويو. لاهور ۾ جنگ فورم پاران ڪوٺايل يڪجهتي ڪانفرنس ۾ بہ هو اتحاد جي عهديدارن کي وٺي وڃڻ بجاءِ پنهنجين دل گهرين ماڻهن کي وٺي ويو.

۱۳- پليجي صاحب تنظيم اندر ادارن ۽ ڪميٽين جي اهميت ختم ڪري فردن جي اهميت وڌائي. ادارن ۽ ڪميٽين جي حوالي سان ٿيندڙ فيصلن بجاءِ انفرادي ۽ شخصي فيصلن جو رواج وڌو. هن ادارن ۽ ڪميٽين کي مضبوط ڪرڻ بجاءِ "انچارج سسٽم" جو رواج وڌو. جيڪي اهم ڪم ادارن کي ڪرڻا هئا اهي هن جونيئر، ناتجربيڪار ۽ پنهنجي پسند جي فردن جي حوالي ڪيا. جنهن ڪري سڄي تنظيم عدم توازن، ڇڙواڳي ۽ انتشار جو شڪار ٿي وئي ۽ ساٿين ۾ هڪ ٻئي جي خلاف بداعتمادي جي فضا جنم ورتو. سندس مقرر ڪيل جونئير ۽ ناتجربيڪار فردن پنهنجا ڪم ۽ ذميواريون پوريون نہ ڪيون. اهڙي طرح سندس رائج ڪيل انچارج سسٽم بري طرح ناڪام ثابت ٿيو.

۱۴- پليجي صاحب تنظيم اندر جمهوري اصولن ۽ روايتن جو خاتمو ڪري پنهنجي آپيشاهي قائم ڪئي. هن تنظيم اندر مثبت ۽ جائز اختلاف راءِ کي ڪچليو. هن سمورا اختيار پنهنجي ذات ۾ مرڪوز ڪري ڇڏيا. هن جمهوري ۽ گڏيل فيصلا ڪرڻ بجاءِ تنظيم تي شخصي فيصلا مڙهڻ شروع ڪيا. هن پنهنجي شخصي

مفادن جي پورائي لاءِ تنظيم اندر اهي آمرانہ طريقا رائج ڪيا تہ جيڪي پارٽي اڳواڻ ۽ ڪارڪن اکيون ٻوٽي بنا چون چرا، سندس حڪمن جي تعميل ڪن، مٿس ڪابہ تنقيد نہ ڪن، ساڻس اختلاف نہ ڪن، ساڻس بحث نہ ڪن، رڳو سندس ساراھہ جا ڍڪ ڀريندا رهن، تہ اهي سندس وفادار ليکيا ويندا. پر جيڪي ساٿي سندس طريقہ ڪار، رويي ۽ پاليسين سان اختلاف رکندا، کانئس سوال ڪندا، ساڻس بحث ڪندا، مٿس جائز تنقيد ڪندا ۽ سندس حڪمن تي بنا چون چرا عمل ڪرڻ بجاءِ، پنهنجي سمجهہ، سوچ ۽ عقل کان بہ ڪم وٺندا تہ پليجي صاحب وٽ انهن ساٿين لاءِ اڳواٽ ئي "غدار" "ايجنٽ" ۽ "نافرمان" جا ٺپا تيار ٿيا پيا هوندا آهن. هن پنهنجي آمريت قائم ڪندي ساٿين کي اهو چئي ڇڏيو تہ "مون سان بحث نہ ڪريو، مون تي تنقيد نہ ڪريو. ڇو تہ اوهان مان ڪوبہ منهنجي ليول جو ماڻهو ڪونهي، اوهان جي سمجهہ منهنجي ذهني اڏام اڳيان خسيس ۽ پتڪڙي آهي، تنظيم ۾ مون ئي سڀ ڪجهہ ڪيو آهي، مون ۾ ئي هر ڪم ڪرڻ جي صلاحيت آهي، مون وٽ هر شيءِ جو علاج آهي، آءُ سڀ مسئلا حل ڪري ڇڏيندس. اوهان ماٺ ڪري منهنجي پويان هلو، پوءِ مون کان زرلٽ وٺو"! لڳاتار ٻہ سال پليجو صاحب تنظيم اندر "منهنجي پويان هلو، پوءِ مون کي زرلٽ وٺو" جو رڪارڊ وڄائيندو رهيو. پر هن پارٽي کي ڪهڙو رزلٽ ڏنو؟ انتشار، ٽوڙڦوڙ، ذلت، خواري، ناڪامي ۽ تباهي!

## (پ) پليجي سياسي پارٽي ناهڻ کان انڪار ڪيو.

١٥- عوامي نيشنل پارٽي مان نڪري اچڻ کانپوءِ اسان وٽ پنهنجو سياسي عمل ۽ سرگرميون جاري رکڻ لاءِ ڪوبہ سياسي پليٽ فارم نہ رهيو. اسان جي سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جون

صلاحيتون تباهه ٿيڻ لڳيون. هر ڳالهه، هرشي، هر ڪم فقط هڪ شخص جي حوالي سان ٿيڻ لڳو. سڄي تنظيم فقط ان هڪ شخص (پليجي) جي گرد گهمڻ لڳي. سمورا سياسي فيصلا فقط پليجي پاران ٿيڻ لڳا. اها صورتحال جڏهن خطرناڪ موڙ تي پهتي ته تنظيم جي سينئر ساٿين پليجي صاحب کي چيو ته "آخر اسان ڪيترا ڏينهن بغير سياسي پارٽي جي هلنداسون، اسان کي جلد از جلد سياسي پارٽي ٺاهڻ يا عوامي تحريڪ کي بحال ڪرڻ گهرجي". ان مسئلي تي تنظيم جي نمائنده ڪانفرنس ۾ مرڪزي ڪميٽي ۾ بحث ٿيو. سياسي پارٽي جي مطالبي جي جواب ۾ پليجي چيو: "ملڪ گير سياسي پارٽي ٺاهڻ لاءِ صورتحال سازگار ناهي ڇو ته ٻيون ڌريون اسان سان گڏجي پارٽي ٺاهڻ لاءِ راضي ناهن. آءُ خود پارٽي آهيان، في الحال ڪنهن پارٽي جي ضرورت ناهي. عوامي تحريڪ بحال نٿي ڪري سگهجي ۽ نه ئي سنڌ سطح جي ڪا سياسي پارٽي ٺاهي سگهجي ٿي. اهڙو ڪم ڪرڻ بيوقوفي ٿيندو"! پليجي صاحب جو اهو نظريو پنهنجو هٺراڌو ناهيل هو. جنهن جو اسان جي گهرجن ۾ سنڌ جي مخصوص صورتحال سان ڪو به واسطو نه هو. اهو هن فقط ڪارڪنن کي مطمئن ڪرڻ ۽ پاڻ کي خوش ڪرڻ لاءِ ٺاهيو هو. عوامي نيشنل پارٽي کان پوءِ ملڪ گير سطح جي ٻي پارٽي ٺاهڻ لاءِ هن سنجيدگيءَ سان ڪا به ڪوشش نه ڪئي. عوامي تحريڪ يا سنڌ سطح جي ٻي ڪنهن سان هڪ قومپرست ۽ ترقي پسند پارٽي قائم ڪرڻ کي هن ملڪ گير سطح جي پارٽي جي خيال مٿان قربان ڪري ڇڏيو. ڇو ته هن پاڻ کي "ملڪي" ۽ "بين الاقوامي" ليڊر تي سمجهيو ۽ سندس خيال ۾ سنڌ گير پارٽي مدي خارج شيءَ ٿي چڪي هئي. سندس اهو چوڻ ته "پارٽي آءُ خود آهيان" ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي ته هن تنظيم اندر سياسي ۽ جمهوري عمل کي جاري رکڻ بجاءِ پنهنجي شخصي بالادستي ۽ آمريت مڙهڻ جو پڪو پهه ڪري ڇڏيو هو.

# (ت) پليجي تنظيم مان عوامي ۽ انقلابي روايتن جو خاتمو ڪيو.

١٦- اسان جي پارٽي ۾ شروع کان جيڪي ساٿي پٽي، سادگي پائپي، پيار. محبت. برابري، خلوص، سچائي. همدردي، غمخواري پنهنجائپ ۽ قرباني جون عوامي ۽ انقلابي روايتون موجود هيون. جن جو زنده مثال شهيد فاضل راهو هو. تن کي پليجي وڏي بي رحمي سان ختم ڪيو ۽ انهن جي جاء تي پنهنجي "وڏيرا شاهي" قائم ڪئي. هن پنهنجي زندگيءَ مان سادگي، نهٺائي، صبر، سهپ، خلوص ۽ سچائي کي ختم ڪري ۽ ساٿين ڏانهن پنهنجائپ ۽ پيار وارو رويو ڪڍي مصنوعيت، لٺي بازي، شوبازي، ڊرامي بازي، چالاڪي کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو ۽ بودباش ۽ ٺٽ ٺانگر واري زندگي گذارڻ شروع ڪئي. هن ۾ نرمي ۽ سهپ بجاء سخت گيري، چڙ، ڪاوڙ، غصو پيدا ٿيو. پارٽي جي سينئر ساٿين ڏانهن سندس رويو وڏيرڪو، تحڪمانه ۽ آمرانه ٿي ويو. هو ڪين پارٽي ساٿين بجاء پنهنجو نوڪر ۽ ڪمدار سمجهڻ لڳو ۽ اڪثر ساٿن انتهائي ذلت ۽ بي عزتي وارو رويو اختيار ڪيائين. هن ننڍين ننڍين ۽ خسيس ڳالهين تان سخت چڙ ۽ ڪاوڙ ۾ اچي ڪارڪنن کي گهٽ وڌ ٿي ڳالهايو. ڪيترائي ساٿي ڪٿان ڪٿان کان ڪهي پليجي صاحب سان ملاقات ڪرڻ لاء دل ۾ اميد کڻي ايندا هئا. پر پليجو ڪونه ڪو بهانو بنائي ساٿن ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو هو ۽ ساٿي مايوس ۽ حيران ٿي واپس هليا ويندا هئا. ٻي طرف وڏيرن، ميرن پيرن، ميمبرن ۽ وزيرن لاء وٽس وقت ئي وقت هو. رڳو وزيرن سان ملاقات وٺڻ لاء هو ڏينهن جا ڏينهن انتظار ۾ وڃائي ڇڏيندو هو. هن سمورن دوستن کي ڇٽي ڇڏيو ته "مون کي ڪير به ساٿي

نہ چئي"! ھن ڪراچي ۾ ڊفينس جي بنگلي تي ايندڙ تنظيمي ساٿين لاءِ حڪم ڏنو تہ "ڪو بہ ڪارڪن بنگلي تي نہ رهي، نہ ماني کائي ۽ نہ فون ڪري"! جيڪڏهن ڪنهن کان ڪڏهن اهڙي غلطي ٿي وئي تہ ڪاوڙ جي چوندو "ڪارڪن سڀ ڏينهن ٽڪيا پيا آهن، وهنجن ٿا، مانيون ٿا کائن ۽ فونون ٿا ڪن" پر ٻي طرف وڏيرن ۽ وزيرن جي عيش عشرت جي دعوتن تي ونس خرچ جي ڪابہ ڪمي نہ هئي. هڪ دعوت تي هزارين رپيا خرچ ٿي ويندا تہ ڪيس پرواھہ ئي نہ ٿيندي. خود فون ڪي ائين ڏينهن رات استعمال ڪندو هو ڄڻ تہ اها پارٽي جي نہ پر سندس ذاتي ملڪيت هئي. جيڪڏهن ڪو غريب ۽ هيٺين طبقي جو ڪارڪن بيمار يا زخمي ٿي اسپتال ۾ داخل ٿيندو تہ پليجو صاحب ٿوري دير لاءِ ان کان طبعيت پڇي اچڻ ڪي بہ فضول سمجهندو هو. پر جيڪڏهن سندس ڪو دل گهريو ۽ من پسند ماٺهو اسپتال ۾ داخل ٿيندو تہ صبح شام ان جي حاضري ۾ بيٺو هوندو هو ۽ سندس خاص خيال رکڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏيندو هو. جيڪڏهن ڪارڪن وٽس اميد ڪٺي ڪنهن ڪم سانگي ايندا هئا تہ سندس منهن ۾ سئو گهنج پئجي ويندا هئا ۽ نفرت وچان ڪين جهٽڪي ڇڏيندو هو. پر پنهنجي ذاتي ۽ خانداني ڪمن ڪارين ۾ ڪابہ گهٽتائي نہ ڪندو هو. هن ائين ٿي سمجهو تہ "پارٽي" ڪارڪنن ۽ عوام جي نہ پر سندس "ذاتي ملڪيت" هئي.

١٧- پليجي صاحب پارٽي فنڊ جو بي رحمي سان ناجائز استعمال ڪيو. هن تنظيم جي سمورن مالي وسلين کي پنهنجي قبضي هيٺ رکيو. مالي وسيلن ۽ فنڊ جي تفصيل بابت هن مرڪزي ڪميٽي کي ڄاڻ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. وٽس ڪروڙين رپيا ڪٿان ٿا اچن؟ اها ڪنهن کي بہ خبر نہ هئي! جڏهن ڪنهن قومي ڪم ۽ جدوجهد هلائڻ لاءِ پئسي جي ضرورت پئي ٿي تہ هن چيو "وجي چندو ڪريو"، پر هن پنهنجي سالگره تي بغير پارٽي

جي اجازت جي پارٽي فنڊ مان ۳ لک رپيا خرچ ڪيا. هن ۸۸ع ۾ پنهنجي اليڪشن مهم تي ذري گهٽ هڪ ڪروڙ رپيا خرچ ڪيا. ايترو ئي خرچ اليڪشن ۹۰ع تي ڪيائين. هو پنهنجي ذات تي لامحدود خرچ ڪندو آهي. رڳو ڪراچي جي بنگلي، حيدرآباد جي بنگلي، ٽنڊي ۽ جنگشاهي ۾ جاين، ٽيليفون جا بل، سندس گاڏي جو خرچ، سندس جهازن جا ڪرايا ۽ مختلف قسم جو پيو روز مره جو خرچ ماهوار ذري گهٽ لک رپيا آهي. سندس اسلام آباد، راولپنڊي، لاهور ۾ رهائش ۽ خرچ ۽ ٻاهرين ملڪن جا دورا ۽ انهن جو خرچ الڳ آهي. جيڪو لکين رپيا آهي. هو سال ۾ هزارن جا ڪپڙا گم ڪري ڇڏيندو آهي. اڪثر ٻاهرين ملڪن جي دوري تان موٽندي ٻڳون گم ڪري ايندو آهي، جنهن ۾ هزارين رپين جو سامان هوندو آهي. خرچ جا وڏا بل سندس "ذات" جي حوالي سان هوندا آهن. سندس آرام آسائش ۽ سهوليتن جو پروٽوڪول ڪنهن منسٽر کان گهٽ ناهي. ايترن مالي وسيلن، سهوليتن ۽ آسائشن هوندي، هن پارٽي کي تباهي ۽ بربادي کان سواءِ ڪجهه نه ڏنو.

۱۸- پليجي صاحب تنظيم اندر "پئسو ڪلچر" جو بنياد وڌو. هن هر ڳالهه کي پئسي جي بنياد تي پرکڻ جهڙي عوام دشمن لاڙي جي شروعات ڪئي. هن وٽ غريب، هيٺين طبقي جي محنتي ۽ ايماندار ڪارڪنن بجاءِ مٿين طبقي جي پئسي وارن ماڻهن لاءِ وڌيڪ عزت ۽ اهميت هئي. حد کان وڌيڪ پئسي اچڻ کان پوءِ هن سڄي پارٽي کي پئسي جي بنياد تي ڪرپٽ ڪرڻ گهريو ٿي. هن اهو نظريو ايجاد ڪيو ته "پئسو ڪٿان به ۽ ڪيئن به حاصل ڪرڻو پوي، حاصل ڪريو" هن تنظيمي ڪم ڪندڙ غريب ڪارڪنن جي حالت سڌارڻ ۽ سندن مالي مدد ڪرڻ بجاءِ پيا ڪم ڪندڙ ماڻهن کي وڏيون پگهارون، مالي فائدا ۽ سهوليتون ڏنيون جهڙوڪ : ٺيڪا وغيره. هن پئسو حاصل ڪرڻ لاءِ موقعي پرستي ۽ سوديبازي واري واٽ ورتي. دهشت گردي سان

مقابلي جو ڏونگ رچائي پ پ سرڪار کان لکين رپيا ورتا. پليجي تنظيم جي ڪيترن نوجوان اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي سياسي ۽ تنظيمي عمل ۾ سرگرمي کان ڪاٽي پئسن ڪمائڻ جي مشين بنائي ڇڏيو. ان واٽ ۽ سوچ تي هلي هن اسان جي انقلابي تنظيم کي ڦيرائي هڪ "ٺيڪا ڪمپني" يا تجارتي ڪمپني" ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

١٩- پليجي صاحب اخلاقي قدرن کي پائمال ڪيو. ڪيس ڪنهن ماڻهوءَ کي ذليل ۽ خوار ڪرڻو هوندو آهي ته ان لاءِ اهڙا ته اخلاق کان ڪريل الزام جوڙيندو آهي، ۽ ڪارڪنن ۽ عام ماڻهن اڳيان ۽ سندس پٺ پويان ايڏو ته ڪيس خوار ڪندو آهي، جو ماڻهو پائيندو ته ان جهڙوڪو بيو ذليل ماڻهو آهي ئي ڪونه. هو پنهنجن ساٿين، مائٽن ۽ دوستن کي گندي کان گندن لفظن ۽ فحش گارين سان نوازڻ کان به نه مڙيو. هو ماڻهن جي موڊ ۽ صورتحال مطابق ايڪٽنگ ۽ ڊرامي ڪرڻ جو وڏو ماهر آهي. ڳالهائڻ وقت سڀ کان پهريائين هو ماڻهوءَ تي پنهنجو سحر ۽ هيبت طاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. لفاظي جون حدون ڪندو آهي. بي کي متاثر ڪرڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ غلط بياني ڪرڻ کي به جائز سمجهندو آهي. ڪوڙ ڳالهائڻ وقت ڪيس اڪثر اهو احساس نه ٿيندو آهي ته ڪو پڌندڙ سندس "غلط بياني" کي پڪڙي سگهي ٿو. ڳالهين ڳالهين دوران جيڪڏهن ڪيس ڪنهن ڳالهه کي ڪاٽي وڃڻو هوندو يا ان کان لنوائڻو هوندو ته چوندو "منهنجو حافظو ڪمزور آهي، مون کي ڳالهيون ياد نه بيهنديون آهن"، پر جيڪڏهن ڪيس پنهنجي قابليت ظاهر ڪرڻي هوندي يا ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن ڳالهه ۾ سوگهو ڪرڻو هوندو آهي ته چوندو "آءُ وڪيل ماڻهو آهيان، منهنجو حافظو زبردست آهي، مون کي ڏهه سال اڳ جون ڳالهيون به ياد آهن"! جيڪڏهن ڪيس ڪنهن ڪم کان لنوائڻو هوندو ته فوراً بيماري جو بهانو بنائي چوندو "منهنجي طبيعت ٺيڪ ناهي، هلڪو بخار آهي، آءُ

خوف سبب، هن ڪڏهن ڪڏهن انهن ضابطن تي هلڻ جو واعدو بہ ڪيو ٿي. پر ٿورڙي وقت گذرڻ کان پوءِ هن ساڳيو ڏنڊو شروع ڪري ڏنو ٿي. پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي پاران آخري دفعو ان عادت تان توبهہ تائب ٿيڻ لاءِ جڏهن کيس وارننگ ڏني وئي تہ هو صفا آپي کان ٻاهر نڪري ويو ۽ وڦلجي چوڻ لڳو: "ان سلسلي ۾ آءُ پارٽي جو ڪوبہ ضابطو نہ ٻڌندس ۽ نہ مڃيندس. اوهان مون کي جنسي بلئڪ ميلنگ ۾ آڻڻ چاهيو ٿا، پر آءُ اوهان جي ان بلئڪ ميلنگ ۾ نہ ايندس، منهنجي مرضي آهي تہ آءُ عشق ڪريان يا شادي ڪريان، اهو منهنجو ذاتي مسئلو آهي، ان تي ڪنهن کي بہ اعتراض ۽ تنقيد ڪرڻ جو حق ناهي، آءُ آئينده ان سلسلي ۾ ڪنهن جي ڪابہ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهيان"! سندس مقصد صاف ظاهر هو تہ کيس آزاد ۽ ڇڙواڳ ڇڏي ڏنو وڃي تہ هو جنسي جرم ڪندو وتي پر مٿس ڪير بہ آڱر نہ کڻي. پوءِ نتيجي ۾ تنظيم بدنام ٿي يا هو پاڻ خوار ٿي، تنهن جي کيس ذرو بہ پرواهہ نہ هئي.

## (ت) پليجي پارٽي اندر پنهنجي "شخصيت پرستي" جو بنياد وڌو ۽ ان کي وڌايو.

٢١-پليجي صاحب ۽ سندس جي حضوري ٽولي پارٽي اندر ان ڳالهہ کي باقائدي هڪ نظريي طور پيش ڪيو ۽ ان کي اڳواٽن ۽ ڪارڪنن کان مڃائڻ لاءِ وڏي لفاظي، چرب زباني ۽ ڪوڙي دليل بازي کان ڪم ورتو تہ پارٽي کي پٽي، ولي خان، بينظير، جتوئي ۽ جي ايم سيد وغيره جي ڪڙيءَ جي ليڊر جي ضرورت آهي. پليجي هزارين ڪارڪنن جي پورهئي، محنت ۽ قرباني جي

قيمت تي پٺو، ولي خان، جتوئي ۽ جي ايم سيد ٿيڻ چاهيو ٿي.
هن ۽ سندس جي حضوري ٽولي ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ
پارٽي اندر هڪ ڏکي مهم هلائي. نيٺ اهو ڏينهن به آيو، جڏهن
پليجي جي مان ۾ وڏا خرچ ڪري ڏکيا ڏکيا جلوس ڪڍيا ويا ۽
سندس وڏا استقبال ٿيڻ لڳا. هو ١٩٨٦ع ۾ جيل مان آزاد ٿيو. پر
اسان جو محبوب ساٿي شهيد فاضل راهو اجان جيل ۾ قيد هو. پر
ان جي باوجود پليجي خوشيءَ ۾ پنهنجي لاءِ ڪراچيءَ کان
جنگشاهي تائين هڪ ڏکيو جلوس ڪڍايو. جنهن تي لکين رپيا
خرچ ڪيا ويا. پارٽي ڪارڪنن کي حڪم ڪيو ويو ته جلسن
جلوسن ۾ پليجي جي شخصيت جي شان ۽ تعريف جا ڍڪ پرين
۽ سندس ڪارنامن کي پڌائين. پليجي ۽ سندس خوشامدي ٽولي
نفسياتي حربا هلائي ڪارڪنن ۾ جنون جي حد تائين هن لاءِ
عقيدت پيدا ڪئي. سندس ڪيترا چمچا کيس پير مرشد
سمجهڻ لڳا ۽ کيس پوڄڻ لڳا. پليجي جنگشاهي ۾ پنهنجي
شخصيت ۽ ڪارنامن تي هڪ سيمينار ڪرايو. جنهن ۾ سڄي
سنڌ مان اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي گهرائي ڪائنن پنهنجي شان ۾
مضمون ۽ مقالا پڙهايائين ۽ تقريرون ڪرايائين. پليجي نوجوان
شاعرن کي هدايت ڪئي ته سندس تعريف ۾ گيت، شعر ۽
قصيدا لکن ۽ ڳائن. سنڌ جي گهٽي گهٽي ۾ ڪارڪنن کان
پليجي جي شان جا گيت ڳائرايا ويا ۽ گهر گهر ۾ انهن گيتن جون
ڪئسٽون وڇرايون ويون. حڪم ڪيو ويو ته ڪارڪن هر
هنڌ پليجي جي تقريرن جون وڊيو ڪئسٽون هلائين. هڪ اڳواڻ
جي عزت ۽ احترام مان وڌائي پليجي جي شخصيت پرستي کي
”پوڄا پاٺ“ جي حد تي پهچايو ويو. پليجي جي ”جِي حضوري
ٽولي“ پاران پليجي جي شان جا گيت ڳائڻ، سندس واکاڻ ڪرڻ
۽ سندس ڪارنامن کي پڌائڻ کي قومي انقلابي ايمان جو جزو
قرار ڏنو ويو. اڳ سنڌ ۾ جڏهن جلسن جلوسن ۾ وڏيرن ۽ پيرن
جي شان ۾ نعرا هنيا ويندا هئا ته اسان جي پارٽي ان شخصيت

پرستي کي سنڌي عوام لاءِ قاتل زهر قرار ڏيندي ان جي خلاف زبردست جدوجهد هلائي. شخصيت پرستي جي انهن نعرن جي مقابلي ۾ اسان "رهبر ڪير قوم جو. سنڌي عوام سنڌي عوام" "جيئي هاري. جيئي پورهيت" ۽ "جيئي عوام" جهڙا انقلابي ۽ عوامي نعرا رائج ڪيا. پر پارٽي اندر پليجي جي شخصيت پرستي کي اپارڻ کان پوءِ اسان ۾ پيهر شخصي نعرن جهڙوڪ: "رهبر ڪير قوم جو رسول بخش پليجو"، "نعره پليجو-جيئي پليجو" وغيره جو زهر ڦهلايو ويو ۽ اسان وٽان انقلابي ۽ عوامي نعرا ڇڻ تہ گم ٿي ويا.

۲۲- پليجي صاحب پنهنجي شخصيت پرستي کي وڌائڻ لاءِ مسوليني، هٽلر ۽ گوئبلز جا پروپيگنڊا جا سمورا طريقا اختيار ڪيا. هن پنهنجي نام نهاد ڏاهپ کي غير معمولي حد تائين وڌائي پاڻ کي "سياسي پير" ۽ "نظرياتي بت" بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن اها عجيب ۽ ڪل جهڙي دعويٰ ڪئي تہ "سنڌ تہ ڇا سڄي ملڪ، بلڪ دنيا ۾ هن جهڙو ليڊر، مقرر، ليکڪ، اديب، دانشور ۽ ڏاهو ٻيو ڪوئي ڪونهي! پٽي، ولي خان، جتوئي، بينظير، جي ايم سيد وغيره جي سنڌس اڳيان ڪا حيثيت ڪانهي ۽ گوربا چوف، بش، ڪسنگر ۽ گروميڪو سندس اڳيان طفل مڪتب آهن!" پليجي وڏي ادمبر سان دعويٰ ڪندي چيو تہ "هي منهنجو دور آهي، منهنجي اڳيان سيٽ ۽ ميمبري حقير شيون آهن، آءُ ملڪ جو وزيراعظم ۽ مطلق العنان حڪمران ٿيڻ چاهيان ٿو"! هن ڪجھ ڪڏجاٽين ۾ پيغمبري جي دعويٰ ڪندي اعلان ڪيو تہ "آءُ پيغمبرانہ پيشن گويون ڪندو آهيان. آءُ هن زماني جو پيغمبر آهيان، سيني کي منهنجي هٿ تي بيعت ڪرڻ گهرجي"!! سوچڻ جي ڳالھہ آهي تہ ڪو هوش مند ۽ سالم دماغ وارو ماڻهو پليجي جي انهن ڳالهين تي ڪٿين ٿو اعتبار ڪري سگهي؟ هو انهن کي چريائپ جون ڳالهيون سمجهي انهن تي اچرج ئي ڪائي سگهي ٿو!

٢٣- پليجي صاحب پنهنجي شخصيت پرستي کي اپارڻ کان پوءِ پارٽي جي ٻي درجي جي قيادت کي اپرڻ نہ ڏنو. پليجي صاحب لاءِ اهو خود هڪ نفسياتي مسئلو رهيو آهي تہ هو پنهنجي مقابلي ۾ پنهنجي پارٽي يا ٻي ڪنهن پارٽي جي، ٻي ڪنهن بہ اڳواڻ کي برداشت نہ ڪندو آهي. پارٽي اندر جڏهن بہ ڪو نوجوان اڳواڻ اپرندو ۽ پنهنجي صلاحتين جو ڀرپور مظاهرو ڪرڻ شروع ڪندو آهي، تہ پليجو مٿس نفسياتي حملا ڪري، سندس حوصلہ شڪني ڪري ڪچي ۾ ئي ان کي چيپاٽي ختم ڪري ڇڏيندو آهي، ڇو تہ پليجي تي اهو خوف سوار هوندو آهي تہ نوجوان قيادت اپري پنهنجي پيرن تي بيهي سندس شخصي آمريت لاءِ چئلينج بڻجي ويندي. ان ڪري هو ٻي درجي جي نوجوان قيادت کي هرگز اپرڻ نہ ڏيندو آهي.

## (ٿ) پليجي پارٽي ۾ ايڊهاڪ ازم کي رائج ڪيو.

٢٤- پليجي صاحب پارٽي جي ڪئين اهم ڪمن ۽ ذميوارين کي توڙ تائين نباهڻ بجاءِ اڌ ۾ ڇڏي ڏنو. هو ڪو بہ ڪم ڪٽندو آهي تہ ان جي شروعات وڏي جوش خروش سان ڪندو آهي. هر ڪو ائين سمجهندو آهي تہ مارا هو ان ڪم لاءِ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيندو. پائيندو تہ پليجو ان ڪم ۾ ڏاڍو سنجيدو آهي ۽ ان کي توڙ تائين پهچائڻ گهري ٿو. پر اهو ماڻهو تڏهن حيران ٿي ويندو، جڏهن اوچتو ئي اوچتو پليجي مان ان ڪم جي دلچسپي ختم ٿي ويندي! ائين لڳندو جڻ تہ ڪجهہ ٿيو ئي نہ هو. سندس ايڊهاڪ ازم جي ان طريقي سبب پارٽي ۾ پارٽي تنظيمن جي واڌ ۽ ترقي رڪجي وئي. پليجو صاحب نيون نيون تنظيمون ڦٽا ڦٽ ٺاهيندو آهي، شروع ۾ انهن جون ٻہ ٽي

گڏجاڻيون بہ ڪندو، پوءِ انهن مان دلچسپي ختم ڪري ڇڏيندو ۽ انهن جي ڪابہ سار سنڀال نہ لهندو. تان جو اهي تنظيمون ڏسندي ڏسندي گم ٿي وينديون، يا انهن جي مٿان فقط ڪو هڪ فرد بيٺل نظر ايندو. هن سنڌ انٽيليڪچوئل فورم، سنڌ بچايو تحريڪ، نوجوانن جي تنظيم، سنڌي هاري تحريڪ، سنڌياڻي تحريڪ، سنڌي بلوچ پنجابي پشتون فورم ۽ سنڌي اتحاد جو اهو حشر ڪيو. پليجو صاحب ڪن سالن کان وٺي پارٽي جي اخبار ڪڍڻ لاءِ پيپڪيدار ڳالهيون ڪندو رهيو "پچو، وٺو، پڪڙيو، انتظام ڪريو". پر شور گهڻو عمل ٿورو وانگر اوچتو ئي اوچتو سندس اخبار جو منصوبو بہ الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويو.

هن حيدرآباد ۾ "دهشت گردي بند ڪريو" ۽ "صلاح مصلحت" ڪانفرنسون ڪوٺايون. انهن ۾ ڪي اهم فيصلا ڪيا ويا ۽ انهن ڪي عملي جامو پهرائڻ لاءِ رٿابندي ڪئي وئي. هن چيو بس هاڻي سڀ ڪجهہ ٿيندو. پر ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڪانئس اهي ڳالهيون ئي وسري ويون. سڀ منصوبا خاڪ ۾ ملي ويا. اي اين پي کان پوءِ اتحادين سان گڏجي هڪ ملڪ گيرپارٽي ناهڻ جو خيال بہ سندس ايڏهاڪ ازم جي نذر ٿي ويو. دراصل پليجو صاحب پنهنجي فطرت کان مجبور آهي. هو پاڻ کي وڏو ظاهر ڪرڻ لاءِ ڳالهيون وڏيون ڪندو آهي. نعرا وڏا ڏيندو آهي. مضمون وڏا لکندو آهي، پر عمل جي ميدان ۾ ٻڙي (Zero) آهي. ڪيس ويجهي کان ڄاڻندڙ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ هو زندگيءَ جي ڪنهن بہ شعبي ۾ ناڪام ترين ماڻهو آهي!

٢٥- حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ سنڌي ماڻهن جي قتل عام کي روڪڻ ۽ دهشت گردي سان مقابلي لاءِ ڪا ٺوس حڪمت عملي جوڙڻ ۽ عملي قدم کڻڻ بجاءِ پليجو شروع کان وٺي فقط ٺلهي نعريبازي ڪندو رهيو. جيتوڻيڪ سمورا اختيار ۽ وسيلا سندس قبضي ۾ هئا. پر دراصل پليجو ان اهم قومي فرض جي پورائي ۾ هرگز سچو نہ هو. هن ان لاءِ ڪجهہ بہ ڪرڻ نٿي چاهيو. سنڌي

ماڻهن جي بچاءَ لاءِ ڪا حقيقي عملي پيش رفت ڪرڻ کان هن ٽاريو ٿي. جڏهن بہ پارٽي اندر دهشت گردي سان مقابلي لاءِ ڪا ٺوس پاليسي ٺاهڻ جي ڳالهہ نڪتي تہ هن شعوري طرح سان پنهنجي شخصي راءِ مڙهي ۽ غلط فيصلا ڪري ان کي ناڪام بنائي ڇڏيو ٿي. هن عملي قدم کڻڻ بجاءِ جلسن ۾ ٺلهيون دعوائون ڪيون تہ "سنڌين جي بچاءَ لاءِ ١٠ هزار رضا ڪار پيش ڪندس" وغيره. هن آڪٽوبر ٨٩ع ۾ پنهنجي سالگره تي تنظيم جي نوجوان ڇوڪرين کان ڪلاشنڪوف سان پاڻ کي سلامي تہ ڏياري، پر جڏهن سنڌي ماڻهن جو قتلام ٿي رهيو هو تہ هن اسلام آباد ۽ منيلا جا چڪر پئي هنيا.

## (ث) پليجي جي هاجيڪار ڊپلوميسي پارٽي کي سخت نقصان رسايو

٢٦- پليجو صاحب هميشہ اها دعوٰي ڪندو رهيو آهي تہ ڪاٿس وڏيڪ "سياسي ڊپلوميسي" (سفارتڪاري) جي فن جو ماهر ٻيو ڪوئي ڪونهي. پر عملي ميدان ۾ هو اڪثر اهڙي تہ غلط ڊپلوميسي جو مظاهرو ڪندو رهيو آهي، جنهن پارٽي کي سخت نقصان رسايو. هو ڊپلوميسي جهڙي نازڪ فن کي توازن ۾ رکڻ ۽ ڏاهپ ۽ هوشياري سان هلائڻ بجاءِ ٻن انتها پسند لاڙن تي هلندو رهيو آهي. هڪ طرف هن حڪمران طبقن اڳيان صفا نيچ ٿي سندن چمچاگيري ڪرڻ کان بہ نہ ڪيٻايو. ٻي طرف هو اتحادي ڌرين سان ويساهہ گهاتي ڪرڻ ۽ سياسي اڳواڻن جي بي عزتي ڪرڻ کان بہ نہ هٽيو. هو جڏهن سفارتڪاري جي ٽيبل تي ٻي ڌر سان ڳالهائڻ ويهندو آهي تہ ان وقت مٿس "احساس برتري"

جو دورو پوندو آهي. ان وقت سندس سڀ کان اهم مقصد پاڻ کي بالاتر (Superior) ثابت ڪرڻ ۽ ٻي کي گهٽ، نيچ ۽ ڪمتر ثابت ڪرڻ ۽ ڪيس ذليل خوار ڪري هيٺ ڪيرائڻ هوندو آهي. تان جو ٻي ڌر ڪائنس بيزار ٿي سندس پاسو ئي ڇڏي ويندي آهي. هو اتحادي ڌرين سان لاڳاپا بهتر ڪرڻ بجاء ساڻن سخت گير ۽ روش اختيار ڪري ساڻن تعلقات بگاڙي ڇڏيندو آهي. ١٩٧٨ع پليجو مزدور ڪسان پارٽي جي صدر افضل بنگش سان پڳ تان جهيڙو ڪري ملڪ ۾ هڪ وسيع ترقي پسند جمهوري اتحاد جي ٺهڻ ۾ رڪاوٽ بڻيو. مجبوراً بنگش صاحب کي پنهنجي اتحادي ڌرين سان گڏجي ”عوامي جمهوري اتحاد“ ٺاهڻو پيو ۽ پليجي پاڪستان عوامي تحريڪ اتحاد ٺاهيو. ايم آر ڊي ۾ پليجي صاحب پنهنجي ڪنوينرشپ جي مختصر عرصي دوران، ايم آر ڊي ۾ شامل پارٽين جي اڳواڻن جي لاڪ لاهي ڪين بي عزتو ڪيو. ايستائين جو مرحوم بزنجي صاحب جهڙي بزرگ سياستدان کي چوڻو پيو تہ ”پليجي جو رويو ميٽنگ ۾ اسان سان اهڙو آهي، جهڙو ڪلاس ۾ ماستر جو ٻارن سان هوندو آهي“! ١٩٨٨ع جي شروع ۾ سابق وزيراعظم محمد خان جوڻيجي پاران اسلام آباد ۾ افغان مسئلي بابت ڪوٺايل ڪانفرنس ۾ پليجي بينظير ڀٽو صاحبہ سان ڏند چڪ ڏنا ۽ ساڻس ترش جملن جي ڏي وٺ ڪئي. نتيجي ۾ بينظير ڪانئس ايڏو ناراض ٿي جو پليجي صاحب کي ٨٨ع جي اليڪشن ۾ ٺٽي واري سيٽ تان هٿ ڌوئڻا پيا. بينظير حاڪم علي زرداري کي چيو تہ ”آءُ اسيمبلي ۾ پليجي جي شڪل ڏسڻ نٿي چاهيان“. پليجي وري اليڪشن مهم جي جلسن ۾ بينظير کي ”سري ديوي“ ۽ ”پونم ڍلون“ جا لقب ڏنا. پليجي صاحب سيپٽمبر ١٩٨٧ع ۾ عبرت مئگزين کي انٽرويو ڏيندي جيئي سنڌ محاذ جي اڳواڻ عبدالواحد آريسر جي باري ۾ غيرسياسي زبان استعمال ڪندي چيو ”ملي کي پوليس وارا ڪجهہ چون ٿي ڪونہ ٿا. سچو ڏينهن ٺوڙيندو پيو ڪري، جَهلي ڪن ڪان ٻہ

لپاٽون هٽي ملي کي ٻڌي ڇڏين ته پوءِ خبر پويس ته آمريت ۾ بينڪيت ڇا آهي"!

عوامي نيشنل پارٽي جي پشاور واري آخري ڪائونسل سيشن ۾ پليجي تقرير ۾ ولي خان جي خلاف ڳالهايو. هن چيو ته "جيڪڏهن باچا خان عظيم هو ته ضروري ناهي ته ان جو پٽ به عظيم هجي!" پناڻن ان ڳالهه کي پنهنجي ليڊر جي بي عزتي تصور ڪيو ۽ چيو ته "پليجو اسان کي گاريون ڏئي رهيو آهي" دراصل اي اين پي ۾ وڏو ڏار ان ڏينهن پليجي جي تقرير ڪري پيو. هن جناح باغ لاڙڪاڻي ۾ تقرير ڪندي ممتاز ڀٽي صاحب جي خلاف ڳالهايو. ٺٽون ڪوٽ ۾ شهيد عبدالرحمٰن لاشاري جي چاليهي تي تقرير ڪندي هن چيو "حيدرآباد ۾ جنرلن سان گڏجي امن ڪميٽي پٺي ٺاهيسون اتي حيدرآباد جا مهاجر واپاري ۽ ميئر آفتاب شيخ جيڪو پنهنجو دوست ۽ جگر آهي، آيا پر ان ڏينهن پيارن (يعني جيئي سنڌ وارن) بمن جا ڌماڪا ڪري امن امان تباهه ڪري ڇڏيو ۽ امن ڪميٽي نه ٺهي سگهي. مون جنرلن کي چيو ته امن لاءِ ٻيهر ڪوشش ڪنداسون دل نه لاهيو!" ان کان چار ڏينهن پوءِ ٢٣ جولاءِ ٩٠ع تي حيدرآباد ۾ پريس ڪانفرنس ۾ صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي هن چيو "انهن ڌماڪن ۾ سنڌين کي استعمال ڪيو ويو آهي" ان وقت هڪ طرف سموريون سنڌ دشمن ڌريون انهن ڌماڪن ۾ سنڌين کي ملوث ڪري رهيو هيون ته ٻي طرف پليجو به سنڌي ماڻهن مٿان واعدي معاف گواهه ٿي بيٺو!

پليجو صاحب پنهنجي تقريرن، لکڻين، گڏجاڻين ۽ عام ڪچهرين ۾ سنڌي سياسي اڳواڻن مان ڪن کي "غدار ڪميونسٽ" ڪن کي "ٽراٽسڪائي" ڪن کي "نقلي قومپرست" ڪن کي "نقلي ترقي پسند" ڪن کي "ايجنٽ" ۽ ڪن کي "ويڪائو" چوندو رهيو آهي. سنڌ جي هاٿوڪي دوري دوران به سندس بيانن ۾ ان "رٽ" کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه هو. سنڌي

اديبن، شاعرن ۽ دانشورن ڏانهن بہ سندس رويو دشمني وارو رهيو آهي. هو سيني کي پاڻ کان گهٽ ۽ ڪمتر سمجهندو آهي. ان حقارت آميز رويي ۽ هاچيڪار ڊپلوميسي سبب هڪ طرف پليجو سنڌ جي ادبي ۽ سياسي حلقن ۾ هڪ "ناپسنديده شخصيت" بڻجي پيو آهي تہ ٻي طرف سنڌ ۽ ملڪ جي ڪنهن بہ سياسي ڌر ۽ سياسي اڳواڻ جو پليجي ۾ ويساهہ نہ رهيو آهي. سندس ويجهين اتحادي ڌرين جو بہ هن مان اعتماد کڄي چڪو آهي.

## (ٿ) پليجي شهيد عوامرفاضل راهو جي ڪردار ڪشي ڪئي.

٢٧- پارٽي کي منظم، متحد ۽ سگهارو ڪندڙ ۽ ڪارڪنن جي چپر ۽ چانو شهيد عوام فاضل راهو کي سندس حياتي ۾، چاهي شهادت کان پوءِ پليجي دلي طرح ڪڏهن بہ قبول نہ ڪيو. شهيد فاضل جي پارٽي اندر ۽ پارٽي کان ٻاهر عزت، شهرت ۽ ساک کان پليجو هميشہ خائف رهيو. هو شهيد فاضل کي سندس زندگيءَ ۾ پنهنجي خطرناڪ ۽ ناپاڪ ارادن جي رستي ۾ وڏي رڪاوٽ سمجهندو هو. شهيد جي زندگيءَ ۾ پليجي کي ايڏي جرئت نہ ٿي جو هو فاضل جي خلاف ٿئي، پر سندس شهادت کان پوءِ پليجي شهيد فاضل خلاف دشمني ۽ سندس ڪردار ڪشي واري روش اختيار ڪئي. هن راهوڪي ۾ شهيد فاضل جي ورسي جي اهميت گهٽائڻ ۽ ان جي جاءِ تي جنگشاهي ۾ پنهنجي سالگرهہ ملهائڻ جا فائدا ٻڌائڻ شروع ڪيا. هن سمورن سينئر دوستن کي چيو:
(All concentration over Rahuki must be stopped)
يعني "اڄ کانپوءِ راهوڪي تي ڌيان ڏيڻ بند ڪيو وڃي" هن ڪارڪنن کي شهيد فاضل جا نعرا هڻڻ کان روڪي ڇڏيو. جڏهن پارٽي ۾ شهيد جي مزار جي تعمير جو مسئلو

آيو تہ هن اهو چئي ان کي رد ڪري ڇڏيو تہ "فاضل مري ويو، ڪيس هاڻي پير ڪي پوڇڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي". ورسي جي ڏينهن شهيد فاضل جي مزار تي هٿياربند جٿي جي سلامي ڏني ويندي هئي. پليجي حڪم جاري ڪيو تہ "اها سلامي بند ڪئي وڃي".

جنهن وقت شهيد فاضل جي شهادت ٿي تنهن وقت پليجو لنڊن ۾ هو. شهيد فاضل کي پهرين جيل ۾ قتل ڪرڻ جو منصوبو سٽيو ويو هو ۽ لانڍي جيل ۾ ڪيس زهر ڏنو ويو هو. آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ ڪيس افغانستان جي حڪومت عوامي نيشنل پارٽي جي سينئر وائيس پريزيڊنٽ جي حيثيت ۾ افغانستان جي دوري جي دعوت ڏني. پر حڪومت ڪيس افغانستان وڃڻ کان روڪي ڇڏيو. ۽ پوءِ اوچتو ١٧ جنوري ١٩٨٧ع تي فاضل کي ڏينهن ڏٺي جوڳولاڙچي ۾ شهيد ڪيو ويو. اتي پهچڻ تي کي ڳالهيون خاص سوچڻ جوڳيون آهن. پليجو پاڪستان ۾ گرمين جي ڏينهن ۾ بہ "ٿڌ" لڳڻ جي شڪايت ڪندو آهي. پر تهہ سياري ۾ هن جو لنڊن وڃڻ جتي غضب جو سيءُ پوي ٿو، سوبہ عين ان وقت جڏهن فاضل کي شهيد ڪيو وڃي ٿو، ڪنهن اونهي لڪل سازش جي نشاندهي ڪري ٿو. عين فاضل جي شهادت وقت پليجي جو لنڊن ۾ هجڻ اتفاقي بہ ٿي سگهي ٿو. پر ان مان بيا بہ ڪئين شڪ ۽ انومان اڀرن ٿا. جيڪي ساٿي لنڊن ۾ هئا. تن جو چوڻ آهي تہ جڏهن اتي پليجي فاضل جي شهادت جي خبر ٻڌي تہ سندس چهري تہ ڪوبہ ڏک جو تاثر نہ هو. شهادت کان پوءِ علاج جو بهانو بنائي پليجو لنڊن ۾ ويٺو رهيو.

شهيد فاضل جي شهادت کان پوءِ پليجي سندس ڪيس ۾ پائي جي بہ دلچسپي نہ ورتي. هو ڪڏهن بہ شهيد جي ڪيس جي شنوائي تي ڪورٽ ۾ نہ آيو. ڪيس ڪئين پيرا شهيد جي ڪيس ۾ دلچسپي وٺڻ لاءِ چيو ويو. پر هو ان ڳالهہ کان لنوائي ويو. شهيد جي ڪيس جي فتويٰ واري ڏينهن بہ پليجو ڪراچي

۾ ڊفينس ۾ پنھنجي بنگلي تي ويٺو رهيو. پر ڪورٽ ۾ نہ آيو. جڏھن تہ ھو ٻين معمولي ڪيسن جي پيروي لاءِ ٺٽي ۽ ڪراچي جي ڪورٽن ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺو ھوندو آھي! پليجي پاران شھيد جي ڪيس ۾ پاڻي جي دلچسپي نہ وٺڻ سبب ڪيترائي شڪ اڀرن ٿا.

پارٽي ۾ اختلافن پيدا ٿيڻ واري عرصي دوران ۽ خاص طور تي اسماعيل راھو جي پليجي کي ڇڏي اچڻ ڪانپوءِ پليجي نہ رڳو اسماعيل راھُو کي پنھنجن حملن جو نشانو بنائڻ شروع ڪيو، پر ھن شھيد فاضل تي بہ حملا ڪرڻ شروع ڪيا. پليجي بدين، ڪراچي، ٽنڊي الھ يار ۽ ٻين ھنڌن تي تقريرن ۾ چيو تہ ”پارٽي فاضل نہ ٺاھي ھئي، مون ٺاھي ھئي. فاضل منھنجو ليڊر نہ ھو، آءٌ فاضل جو ليڊر ھوس. فاضل معمولي وڏيرو ھو. ھو اديب، شاعر، دانشور ۽ نظريي دان نہ ھو، فقط معمولي ڪارڪن ھو!“ پليجو نجي محفلن ۾ شھيد فاضل راھو لاءِ نھايت ڪريل قسم جا رمارڪس ڏيندو رھيو آھي. مثلاً ”فاضل ھڪ جٽ ۽ ڪريٽ وڏيرو ھو، ڪيس مون ٺيڪ ڪيو ۽ پارٽي ۾ آندو“! شھيد فاضل تي اھڙو بھتان ۽ ڪوڙ ھڻندي پليجي کي ذرو بہ شرم نٿو اچي. ڇا پليجي کي اھا خبر ناھي تہ ساٿس فاضل سان چاڻ سڃاڻ ٿي نہ ھئي، جو ان کان گھڻو اڳ فاضل ھارين جون جدوجھدون ھلائيندو ھو. ھو تہ شروع کان وٺي وڏيرا شاھي جي خلاف تحريڪون ھلائيندو ھو. ھو پليجي سان ملڻ کان اڳ ئي جنگجو، ويڙھو ۽ باغي انسان ھو. دراصل حقيقت، پليجي جي شھيد فاضل جي خلاف ٺاھيل ان ڪوڙ ۽ فتني جي بلڪل ابتڙ آھي. حقيقت اھا آھي تہ جيڪڏھن شھيد فاضل راھو پليجي جو سھارو نہ بڻجي ھا، ڪيس ڏک ۽ بک ۾ ڪم نہ اچي ھا، پارٽي کي وڌائڻ لاءِ جدوجھدون نہ ھلائي ھا ۽ وسيلا پيدا نہ ڪري ھا تہ اڄ پليجو ان حيثيت تي ڪڏھن بہ پھچي نہ سگھي ھا. پليجو ۽ سندس ٻولڙيا اڄ ھر ھنڌ اھا پروپيگنڊا ڪري رھيا آھن تہ راھوڪي ۾ شھيد

فاضل راهو جي ورسي ملهائڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي. پليجو ڪٽي ڪيڏا بہ جتن ڪري فاضل عوام جي دلين مان نٽو نڪري سگهي ۽ هر سال سنڌ جي ڪندڪڙڇ مان لکين ماڻهو گڏجي وڏي شان شوڪت سان شهيد عوام فاضل راهو جي ورسي ضرور ملهائيندا ۽ اهو ڏينهن ضرور ايندو جڏهن فاضل جي شهادت پٺيان لڪل اصل سازشي هٿ ظاهر ٿيندو ۽ ماڻهو آڱريون ڪٽي ڪيس چوندا "اهو اَتوَ قاتل"!

(چارج شيٽ ختم)

# ڪوڙن سان مقابلو ڪريو.

# فڪر جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪريو

(۱)

قومن جي تاريخ ۾ اهڙا ڪئين مڪار، دوڪيباز، منافق ۽ ڪوڙا سياسي شاطر ٿي گذريا آهن ۽ اڄ بہ موجود آهن. جن ظاهري طرح وطن دوستي جو چوغو اوڍي، قوم پرستي جا وڏا اُپ ڦاڙ نعرا هنيا ٿي ۽ مظلوم، ماريل ۽ پيڙيل قوم جي ڇوٽڪاري جون وڏيون دعوائون ڪيون ٿي. پر وقت گذرڻ ڪانپوءِ هنن عهدي، اقتدار ۽ دولت خاطر پنهنجي مظلوم قوم جو سودو ڪيو ۽ پنهنجن مظلوم ماڻهن اڳيان نيچ، ڪمينا، وڪاڻل ۽ غدار ثابت ٿيا. اسان وٽ سنڌ ۾ بہ اهڙن غدارن جي ڪوٽ ڪونهي. جن اقتدار ۽ دولت جي هوس ۽ لالچ ۾ قوم ڪي وڪڻڻ ۽ موقعي پرستي، سوديبازي ۽ غداري جي واٽ ورتي.

اسان جي پارٽي ۾ رسول بخش پليجو، جنهن کي اسان

جي سچن ۽ صاف دل ڪارڪنن پنهنجو ليڊر سمجهي، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نعرا هڻي ڪيس مٿي ڪنيو ۽ جنهن ڪي اڪابر، ڏاهو، رهبر، سرواڻ ۽ خبرناهي ڇاڇا سمجهيو ٿي ويو، تنهن جي خلاف گذريل صفحن ۾ پيش ڪيل چارج شيٽ مان سنڌس ڪردار تان پردو ڪجهي چڪو آهي ۽ هو ڪارڪنن ۽ عوام اڳيان پنهنجي اصل چهري ۽ روپ ۾ ظاهر ٿي چڪو آهي.

پليجي سڄي پارٽي ۽ پارٽي جي ڪارڪنن کي استعمال ڪري، ڪين مريدن جيان پنهنجي پويان هلائي پاڻ وڏي هوشياري، چالاڪي ۽ مڪاري سان اندران ئي اندران حڪمران ٽولن ۽ ايجنسين سان سازباز ڪري، هزارين ڪارڪنن جي محنتن ۽ قربانين سان ٺهيل پارٽي، پارٽي جي جدوجهد ۽ شاندار ورثي ۽ سڄي قوم کي تين وال ڪرڻ چاهيو ٿي ۽ ان جي صلي ۾ حڪمران ٽولن ۽ ايجنسين کان شخصي مفاد ۽ ”بهترين ڪارڪردگي“ جا سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ گهريا ٿي. هو پارٽي خلاف وڏي هوشياري ۽ چالاڪي سان ڳجهي سازش سٽي ڪنهن حد تائين پنهنجا اهي ناپاڪ ۽ عوام دشمن مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو.

جڏهن پليجي جا اهي ناپاڪ، قوم دشمن ۽ سنڌ دشمن مقصد، ڪذا ڪرتوت ۽ بڇڙا عمل ڪارڪنن ۽ عوام جي اڳيان ظاهر ٿيڻ لڳا ته هن پنهنجي ختم ٿيندڙ وقار ۽ ڪرندڙ ساک کي بحال ڪرڻ لاءِ، پنهنجي نام نهاد ڏاهپ، حرفت، عياري ۽ چالاڪي وسيلي اسان جي پارٽي جي ڪيترن سادن، ويساهه ۾ وسوڙيل ۽ سندس انڌي عقيدت جي مَنڊَ ۾ ڦاٿل ڪارڪنن کي پنهنجي اشڪنجي ۾ جڪڙي رکڻ جون ڪوششون ڪيون. ان مقصد لاءِ هن هڪ طرف ڪيترن پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن اڳيان وڏي اداڪاري، مڪاري ۽ چال بازي سان پاڻ کي بي ڏوهي ثابت ڪرڻ جو ڊرامو رچايو آهي، ته ٻي طرف جيڪي اڳواڻ ۽ ڪارڪن سندس ان چار ۾ نٿا ڦاسن تن کي سچ

ڳالهائڻ ۽ پاڻ تي تنقيد ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ ڪين ڌمڪائي، ديچاري خاموش ڪرڻ جا فاشسٽ طريقا اختيار ڪري رهيو آهي، تہ ٻين پاسي ڪين بليڪ ميل ڪري ۽ رشوت ڏئي خاموش ڪرائڻ جهڙا مڪروهہ ۽ مجرمانہ عمل ڪري رهيو آهي. تہ جيئن هو وري پارٽي ۽ محاذن کي يرغمال بنائي انهن مٿان پنهنجي آمريت ۽ بالادستي قائم رکي، پنهنجون قوم دشمن، عوام دشمن ۽ پارٽي دشمن ڪارروايون جاري رکي سگهي.

پليجي جي مداحن، ثناخوانن، بيشڪ بيشڪ ڪندڙ لالچي ۽ موقعي پرست چمچن جو "جي حضوري ٽولو" ڏينهن رات "پارٽي بچائڻ" جي ڪوڙي نعري جي آڙ ۾ پليجي جي ڪوڙي انا، معتبري، خودپسندي ۽ آمريت کي زنده رکڻ لاءِ، سندس قوم دشمن، عوام دشمن ۽ پارٽي دشمن مجرمانہ فعلن ۽ ڪارستانين جو بچاءُ ۽ وڪالت ڪرڻ لاءِ هر قسم جا گندا، غليظ ۽ واهيات ڪوڙ ڳالهائيندو رهي ٿو ۽ ان ذريعي پنهنجا مفاد حاصل ڪري ٿو. پليجو ۽ سندس ٻولڙيا پنهنجي جُرمن، سازشن ۽ عوام دشمن، قوم دشمن ڪارستانين تان پردي ڪڇڻ، سندن انا، خودپرستي، آمرانہ روش ۽ طريقہ ڪار ۽ پارٽي ۽ قوم لاءِ هاڃيڪار ۽ تباهہ ڪُن پاليسين جي ڪري ڪارڪنن اڳيان وائکي ٿيڻ ۽ عوام جي عدالت ۾ اچڻ جي خوف کان هر وقت پارٽي ڪارڪنن ۽ همدرد دوستن کي اها پٽي پڙهائي رهيا آهن تہ "جيڪي بہ ڳالهيون، اختلاف ۽ مسئلا آهن، اهي پارٽي ادارن جي اندر رکو ۽ ادارن کان ٻاهر نہ ڪڍو، ڇو تہ ائين ڪرڻ سان پارٽي جي اندروني معاملن جي رازداري ٽٽي پوندي ۽ پارٽي ڇڙواڳي جو شڪار ٿي ويندي"

شروع ۾ اها حقيقت واضح ٿي چڪي آهي تہ پارٽي جو بحران ۽ مسئلا حل ڪرڻ ۽ پليجي کي سڌارڻ لاءِ پارٽي جي ادارن ۽ سينئر ساٿين پاران هر قسم جون ڪوششون ڪيون ويون. پر پليجي انهن سمورين ڪوششن کي هٺ ڌرمي ۽

مغروري سان ٽڏي ڇڏيو ۽ انهن ادارن ۽ ساٿين کي ”ڪچلي ڇڏڻ“ جون ڌمڪيون ڏيندو رهيو. پنهنجي ان فاشسٽ طريقي وسيلي پليجي پارٽي ان بدترين صورتحال(Status quo) ۾ جيئڻ جو ٽئين رکڻ ۽ پارٽي تي پنهنجو تسلط قائم ڪرڻ ٿي چاهيو.

پارٽي لاءِ ان نازڪ موڙ تي ۽ سنگين صورتحال ۾ پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن اڳيان فقط ٻہ واٽون هيون. هڪ اها تہ اکين سان اهو سڀ ڪجهہ ٿيندو ڏسندي ۽ هر ڳالهہ سمجهندي پرکيندي چَپَ سبي، اکين تي کوپا چاڙهي ۽ ذهنن تي تالا هڻي صُمٌ بُڪماً بڻجي فقط ”پليجو پليجو“ جو ورد ڪندو، پليجي جي جُرمن، گناهن ۽ تباهہ ڪارين تي پردو وجهندو ۽ انهن جو بچاءُ ۽ وڪالت ڪندو رهجي ها. اها بي اصولي، بي ضميري، قوم دشمني، غداري ۽ پليجي جي پوڄا پاٺ ۽ غلامي ۽ سندس آمريت جي واڪاڻ ڪرڻ واري واٽ انهن ماڻهن ورتي جن جي اڳيان قومي ۽ انقلابي مفادن بجاءِ خسيس ذاتي مفاد عزيز هئا، جن مان قومي ۽ انقلابي اخلاق، جرئت، جذبو ۽ حق جو ڪلمو چوڻ جو حوصلو ختم ٿي چڪو هو. جيڪي اعليٰ انساني ۽ انقلابي آدرشن تي هلڻ ۽ پنهنجي عقل ۽ ذهن کان ڪم وٺڻ ۽ پنهنجي ضمير جو فيصلو ڪرڻ بجاءِ پليجي جي شخصيت پرستي، عقيدت پرستي، مفاد پرستي ۽ موقعي پرستي جي خوفناڪ ڌٻڻ ۾ ڦاسي چڪا هئا.

ٻي واٽ هئي پليجي جي آمرانہ روش، سازشي ۽ منافقانہ طريقہ ڪار، مجرمانہ ۽ هاڃيڪار پاليسين ۽ غداري ۽ سوديبازي واري قوم دشمن تباهہ ڪار لائين خلاف اصولي نظرياتي ۽ سياسي ويڙهہ ڪرڻ ۽ پليجي جي قوم دشمن ۽ عوام دشمن سرگرمين کان ڪارڪنن ۽ عوام کي آگاهہ ڪرڻ. تنظيم جا جيڪي اڳواڻ ۽ ڪارڪن پليجي جي نام نهاد ڏاهپ، انا، شخصيت پرستي، خود پرستي، آپيشاهي، مڪاري، عياري ۽ ڊرامي بازي جي طلسم مان نڪري چڪا هئا،جن لاءِ خسيس

ڊرامي بازي جي طلسم مان نڪري چڪا هئا. جن لاءِ خسيس شخصي مفادن بجاءِ قومي ۽ انقلابي مفاد اهم هئا. جيڪي موقعي پرستي ۽ مفادپرستي جي ڌٻڻ ۾ ڦاٿل نہ هئا. جيڪي پليجي جي آمرانہ بليڪ ميلنگ آڏو نٽي جهڪيا ۽ سندس فاشسٽ نازي طريقن کان مرعوب ۽ خوفزده نٽي ٿيا. جن پاڻ کي ”پليجي“ بجاءِ ”پارٽي“ ۽ سنڌي قوم اڳيان جوابدهہ سمجهيو ٿي، جن جو ذهن ۽ ضمير صاف هو، جن سمجهيو ٿي تہ سنڌن وفاداري ڪنهن فرد يا ٽولي بجاءِ پنهنجي قوم، وطن ۽ مظلوم ماڻهن سان آهي، انهن پارٽي ساٿين مڙسي، همٿ ۽ جرئت سان پليجي کي سنڌس منهن سامهون حق جو ڪلمو چيو ۽ بي خوفي سان مٿس جائز ۽ اصولي تنقيد ڪئي. اهائي ڪوڙ، مڪر ۽ فريب سان مقابلي ڪرڻ جي اصول پسندي ۽ حق پرستي جي واٽ هئي، جنهن کي، پليجو مخالف، پارٽي جي سينئر ساٿين مٿاهون رکيو.

(٢)

انسانذات جي صدين جي تاريخ ۾ اڄ جو دؤر هڪ مثالي، روشن ۽ نئون دور آهي. اڄ جو دؤر سچ، انصاف، فڪر جي آزادي ۽ جمهوري حقن جي حاصلات جو دؤر آهي. اڄ انسانذات جي صدين جي محنتن، جفاڪشين، جدوجهدن ۽ عظيم قربانين ڪانپوءِ انسان هٿان انسان جي ڦرلٽ، ظلم، ذيادتي، استحصال ۽ ناحق جو خاتمو ٿي رهيو آهي. اڄ نئين دور جا انسان پنهنجين همتن ۽ حوصلن وسيلي پنهنجي ذهنن تي ماضي جي اونداهي، ظلم ۽ بربريت جي پيل پردن ۽ پنهنجي ڳچيءَ ۾ پيل غلامي جي زنجيرن کي ٽوڙي پرزا پرزا ڪري رهيا آهن. ان عظيم الشان ۽ تاريخي جدوجهد وسيلي آزاد دنيا جا انسان سوچڻ، سمجهڻ، ڳالهائڻ، جو حق ۽ فڪر جي آزادي ماڻي رهيا آهن. اڄ انسانذات جي آزادي ۽ جمهوري حقن جي هڪ نئين دنيا جنم

خيال، فڪر ۽ انساني حقن ۽ جمهوري آزادين جون تحريڪون مضبوط ۽ سوڀاريون ٿي رهيون آهن پر اهي تحريڪون سوشلسٽ ملڪن ۾ پڻ تيزي ۽ شدت سان اٿيون آهن. روس، چين ۽ اوڀر يورپ جي سوشلسٽ ملڪن ۾ اهي تحريڪون اتان جي سماج، سياست، اقتصادي نظام، حڪومت ۽ پارٽي ۾ زبردست بنيادي ۽ تاريخي تبديليون آڻي رهيون آهن. اتي ذهني ۽ فڪري آزادي ۽ نئين سماج ۽ نئين انقلاب جي علمبردار آزاد انسانن، سوشلزم ۽ ڪميونزم جي آڙ ۾ پيدا ڪيل فسطائي نظامن ۽ آمريتن جا تختا اونڌا ڪري ڇڏيا آهن ۽ چائوشسڪو جهڙن آمرن کي زمين ۾ دفن ڪري ڇڏيو آهي. آمرن جي خاتمي جي خائي ڊهي اچي پٽ پئي آهي. ذهني ۽ فڪري آزادي ۽ جمهوري ۽ انساني حقن ۽ انصاف جون اهي هوائون ٽين دنيا جي ڏتڙيل ۽ پوئتي پيل ملڪن ۾ گهلي رهيون آهن. پاڪستان ۽ سنڌ جا ماڻهو به پاڻ کي ان عظيم ذهني ۽ فڪري تاريخي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ميرن، پيرن، مرشدن ۽ ذهني ۽ نظرياتي وڏيرن پنڊتن، ملن ۽ سياسي بتن جي تسلط ۽ بالادستي جي اشڪنجي مان آزادي ماڻڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن.

اسان جي پارٽي جيڪا سنڌي قوم جي باشعور، سمجهو، هوشيار، ذهين، ذاهن، جرئت مند، سچار، بااصول، بي طمع، باضمير، اورچ، پرعزم، باهمت، محنتي ۽ قربانيون ڪندڙ ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جو انقلابي دستو آهي. تنهن تي پڻ دنيا ۾ آيل انهن ذهني، فڪري، سماجي ۽ انقلابي تبديلين جو زبردست اثر ٿيو آهي. ان فڪري انقلاب سبب اسان جي پارٽي پڻ هڪ وڏي تبديلي مان گذري رهي آهي. تاريخ جي هن اهم ۽ نازڪ موڙ تي اها ڳالهه قطعي ناممڪن آهي ته اهڙي پارٽي جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن مڪر، فريب ڌوکي ۽ چالاڪي سان پارٽي کي برغمال ڪندڙ هڪ ڪوڙي، مڪار، منافق ۽ موقعي پرست شخص ۽ سندس "جي حضوري ٽولي" جي ڪوڙي انا، خود غرضي، موقعي پرستي، آمريت، خود پرستي ۽ قوم دشمن، عوام دشمن

هاچيڪار واٽ اڳيان جهڪي پارٽي ۽ قوم کي زبردست نقصان رسائين، پنهنجي جدوجهد، قرباني، سچائي، اصول پسندي، ضمير، سوچ ۽ سمجهه جو سودو ڪن ۽ تاريخ ۽ قوم جا مجرم ۽ غدار لکيجن.

سنڌي قوم لاءِ هن نازڪ گهڙي ۽ تاريخي موڙ تي پليجي جهڙي آمر، خود پرست، مفاد پرست، انا پرست، رجعت پرست، تنگ نظر، سازشي، مڪار، ڪوڙي ۽ سنڌي قوم سان ڏوکو ۽ ويساهه گهاتي ڪندڙ شخص جي وڪالت ڪرڻ، سندس بڇڙن اعمالن، ڪُڌن ڪرتوتن ۽ مجرمانہ ڪارستانين تي پردو وجهڻ ۽ انهن جو بچاءُ ڪرڻ ۽ اجا بہ "جيئي جيئي" ڪري ڪيس تنظيم، عوام ۽ ڪارڪنن جي سيني تي سوار ڪرڻ سنڌي قوم سان وڏي ۾ وڏو مذاق، ڏوکو، فراڊ، غداري، ۽ ناقابل معافي جرم آهي.

دراصل "پليجو" فقط ڪنهن هڪ فرد جو نالو ناهي. اهو سياست ۾ هڪ سڄي ساري منظم ۽ نهايت مضبوط، ناسوري، اڏوهي ورتل، مدي خارج، مردار، رجعت پسند، عوام دشمن، قوم دشمن، فاشي نظام (System) ازم (ISM) طريقہڪار (Method) ۽ رويي (Trend) جو نالو آهي. اَن نظام جو رڪن فقط ڪو هڪڙو پليجو ناهي ۽ نہ ئي اهو نظام رڳو سنڌ ۾ موجود آهي. پر دنيا ۾ جتي بہ، جنهن بہ، ڪهڙي بہ خوشنما نعري جي آڙ ۾ "آمريت" Dictatorship قائم ڪئي آهي. اتي ان نظام جنم ورتو آهي ۽ اتي "پليجا" پيدا ٿيندا رهيا آهن. نيپولين، زار، مسوليني، هٽلر، هيروهيتو، مارڪوس، چاؤشسڪو، ضيا ۽ ارشاد وغيره ان ئي نظام جا رڪن آهن. اسان جيڪڏهن پاڪستان ۽ سنڌ جي سياست جي ماضي ۽ حال تي ٿورو غور سان نظر وجهنداسون تہ ان خاندان جا ڪيئن رڪن اسان کي مختلف نعرن، چوغن ۽ ليبلن ۾ عوام جي گردن تي سوار نظر ايندا. جيستائين سرڪاري ۽ غيرسرڪاري سياسي ايوانن مان ان "آمرانہ نظام"

جي پاڙ نہ پٽي ويندي، جيستائين ان روحاني ۽ ذهني غلاميءَ جو
ڳٽ سنڌي عوام جي ڳچيءَ مان نہ ڪڍيو ويندو، تيستائين
مظلوم عوام جو حقيقي ڇوٽڪارو ناممڪن آهي. پر في الحال گهر
جي ”آمرن“ سان مقابلو ڪرڻ سنڌ جي قومي ڪارڪنن جو
اولين قومي، انساني ۽ تاريخي فرض آهي. ان ناسوري آمرانہ
سسٽم مان پيدا ٿيل بڇڙاين جي خاتمي سان ئي سنڌ ۾ پيار،
محبت، ٻڌي، اتحاد جدوجهد ۽ تنظيم جون نيون قومي، عوامي،
جمهوري ۽ انقلابي روايتون ۽ ريتون جنم وٺنديون.

وقت اچي ويو آهي تہ ان آمرانہ نظام کي ڊاهڻ لاءِ، فڪر
جي آزادي ۽ سچ جو مان مٿاهون رکڻ لاءِ سڀ ماريل ڦريل،
ڇيڀاٽيل، ٺوڪاريل، نظر انداز ڪيل ۽ مظلوم ماڻهو مرڻي مٿان
ٿي پنهنجي قومي نجات لاءِ قومي، عوامي، انقلابي جمهوري جدوجهد
جي سوڀاري ۽ شاندار واٽ تي تيزيءَ سان مارچ ڪندا هلون.
جيڪڏهن اسان پنهنجي دلين مان نفرتون ۽ ڪدورتون ڪڍي،
سچائي، خلوص، نيڪ نيتي ۽ انقلابي جذبي سان هٿ هٿ ۾ ڏئي
اڳتي وڌيا سون تہ هڪ ڏينهن ضرور پنهنجي منزل ماڻينداسون ۽
سنڌي ماڻهو پنهنجو روشن ۽ تابناڪ مستقبل ڏسندا.

# جيڪڏهن اوهان

# ڄاڻڻ چاهيو ٿا تہ:

* سنڌ جي منظر ۾ سرگرم انقلابي تنظيم "عوامي تحريڪ" ڇو ٽٽي؟

* ان جي مسئلن، اختلافن ۽ بحران جو پس منظر ڇا آهي؟

* ان جي ٽوڙ ڦوڙ ۾ رسول بخش پليجي ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو؟

* رسول بخش پليجو ڇا آهي ۽ ڇا ٿو چاهي؟

* شخصي آمريت، ڪوڙ ۽ فراڊ جي خلاف جدوجهد ڪرڻ، اڄ جو انقلابي فرض ڇو آهي؟

* مستقبل ۾ پنهنجي جدوجهد جي قافلي کي روان دوان ڪيئن رکجي؟

**تہ پوءِ اوهان لاءِ هن ڪتاب جو مطالعو ڪرڻ نهايت ضروري آهي**